محمد موسيٰ ڀٽو
آمنہ حامد زبيدي

(آخري قسط)

# سنڌ جي ممتاز صوفي شاعرن جي شاعري

## شاهه ڪريم بلڙي وارن جو ڪلام

## ۽ ان جي تشريح

### تعارف

پنندي پرينءَ سين، ويلا ڪندي وت
ڪو پائيندءِ مانيون، ڪو پائيندءِ پت.'

عارف شاعر، سالڪ کي تلقين ڪن ٿا تہ، محبوب جي محبت جي راهہ ۾ ايئن هلندو رهہ، جو توکي، هر گهڙي انهيءَ " لا فاني هستيءَ " جي لنئون لڳل هجي، بس اهائي، عظمت ۽ شان واري ذات، تنهنجي فڪري سرگرمين جو مرڪز هجي، پوءِ محبوب طرفان، ماڻهن کي تنهنجي خدمت جو اذن ڏنو ويندو، پوءِ تنهنجي فڪر، ماڻهن کي لڳي ويندي، جيڪو محبوب جي لاءِ فنا ٿي وڃي ٿو ماڻهو ان جي خدمت کي دين و دنيا جي سعادت ٿا سمجهن.

هيڪو جو اکر ونگڙو گرتسي ڏي
انڌار گهر ديولا ڦر، ڦر جوت ڪري.

جڏهن درويش ۽ مرشد، توکان خوش ٿي توکي، هڪڙو لفظ ( الله جو لفظ ڏيئي ) تہ هن " لفظ" کي تون، پنهنجي ( دل جي ) اونداهي واري گهر جي لاءِ سوجهرو سمجهہ.

"عارف"طالب ۾ طلب جي صلاحيت ڏسي،جڏهن ان کي "الله" جي " قلبي ذڪر " جو سبق ڏيءِ ٿو تہ اهو قلبي ذڪر ان جي دل ۾ چراغ روشن ڪرڻ جو ذريعو



بنجي وڃي ٿو،ان چراغ سان دل جي اونده گهٽجڻ لڳي ٿي، ۽ هڪڙو وقت اچي ٿو جو"دل" ايتري تہ "منور " ٿي وڃي ٿي جو پوءِ ان فرد تي "حديث پاڪ " جو اهو قول ثابت ٿي وڃي ٿو اتقوا فراسة المومن فانه ينظر بنور الله " ( مومن جي فراست کان ڊڄندا رهو ڇو تہ اهو الله جي نور سان ڏسي ٿو).

ڏوهہ نہ ڏمريوءِ، ڏڻئہ جي ڏاتار منهن
ماڻڪين هٿ پري، آڏو اسريوءِ.

اگر محبوب جي ڳجهي رازن جي ٿوري بہ سڃاڻپ هجئي تہ تون، ڄاڻندين تہ سندس عتاب نہ آهي بلڪ "رحمت " ئي آهي، عتاب ۽ جلالي صفات جي ذريعي، "محبوب سائين"پنهنجي چاهيندڙن کي،"پاڻ سنڀالڻ" جو موقعو ٿا ڏين، انهن ۾ " حوصلو ۽ استقامت " پيدا ڪري، سندن دل ۾ " يقين جي ڪيفيت " کي مستحڪم " ڪن ٿا، اهڙي طرح، محبوب جو عتاب، صوفيءَ جي لاءِ عطا جو ذريعو بڻجي وڃي ٿو .

متو واهڙ ڪن ڪري، ساڀيون ۽ ساج
پرين نہ پٽا پن ۾، مون پائيندي واجهہ.

" درد عشق " بيتابيءَ جون سڀ حدون لتاڙي ٿو " سالڪ " ان عشق جي دريا جي اونهاين ۾، ٽٻيون هڻڻ لاءِ تيار آهي، ان سڀ جي باوجود، حالت اها آهي تہ محبوب جي معيت ۽ ان جي حالت وصال جي حصول جا آثارئي نظر نہ ٿا اچن.

" متوسط صوفي " جي " محبوب جي لاءِ بيتابي " آخري حدن تائين پهچي ٿي، هو چاهڻ لڳي ٿو تہ محبوب جي لاءِ هن دنيا کي ڇڏي، هي دنيا وسايان پر، مرشد طرفان کيس اجازت نہ ٿي ملي، "مرشد"جيڪو "هن دنيا جو سڃاڻو " آهي، اهو طالب جي وقتي بيتابيءَ جي ڪيفيت کي سمجهي، ان کي سنڀاليندو رهي ٿو متوسط صوفي جي خواهش اها هوندي آهي تہ " محبوب " طرفان جيڪو ڪجهہ ملڻو آهي اهو بروقت ملي ۽ ان ۾

دير نہ ٿيئي، پر محبوب جي طرفان " دير " ۾ اها مصالحت هوندي آهي تہ سالڪ پڇي " ڪندن " ٿئي، اهڙو پختو ٿي وڃي جو نفس جي فنا جي سڀني مرحلن مان لنگهي وڃي تہ جيئن هو پنهنجي نفس جي سڀني " لاهين ۽ چاڙهين" کان "واقف " ٿي وڃي. ۽ ان کان پوءِ محبوب پاران عطا ٿيل، وصال جي دولت جو قدر ڪري سگهي.

صورت ليکي هت، معنيٰ ليکي مارئين
عمر مون جي چت، اوطاقون ٿرن ۾.

سچا عاشق، بظاهر تہ هن دنيا ۾ رهن ٿا، پر باطني طرح هو ٻي دنيا جا " رهاڪو " آهن، هنن جو بت تہ هتي آهي پر دل محبوب سان گڏ آهي، هو هر وقت محبوب مٿان سرگهورڻ لاءِ آتو رهي ٿو، سندس دل محبوب جي فراق ۾ تڙپندي رهي ٿي.

ائي سرڪش نفس ! تون اهڙن عاشقن کي، محبوب کان پري ڪرڻ لاءِ ڪيترا بہ وس ڪندين تہ ڪجهہ نہ ورندءِ، جن جي دل جا ساز، سدائين محبوب جي سُرَ تي وڄندا هجن، جن جي دل جا دروازا، رڳو محبوب جي لاءِ کلندا هجن، انهن کي تون ڪيئن فريب ڏيئي سگهندين ؟

جونري اتي جن داغ تنهنجو داسڙا
تون ڪيئن مٿان تن، چنيسر چٽ ڪڍين؟

اي محبوب! جيڪي تنهنجي لاءِ بيتاب آهن، جن جو جگر، تنهنجي محبت جي داغ سان ڏنيپيل آهي، اهي جن جي حياتي تنهنجي "ذات " سان لاڳاپيل آهي، انهن جي، ابوجهائي سبب، ائي مالڪ ! تون انهن کي پنهن جي در تان نہ ڌڪ، تنهنجي، " رحيم ۽ ڪريم " ذات مان " لطف ۽ ڪرم " جي ئي اميد آهي، تون، برايون ڪندڙ بدڪارن کي بخشيندي، دير نہ ٿو ڪرين، تہ پنهنجي عاشقن کي در تان ڪيئن ڌڪاريندين؟ بس تنهنجي اڳيان "رحم" جي درخواست آهي، تنهن جي عاشقن جي لاءِ، تنهنجي معمولي ناراضگي بہ قيامت کان گهٽ ڪانهي.



ڪن ڪلاچي پار، سڌ نہ نہ سائٿين
گهاتوئن سندا مڪڙا، ڪي تر ٻي نهار.

ڪلاچيءَ جي ڪن ( ڪراچيءَ واري سمنڊ جو ڪن ) جي ٻي ڪناري تان مهاڻن جا سڌ نہ ٿا ٻڌجن، شايد مهاڻا، ٻيڙا ڪٽي ٻي پار پهچي ويا، ان ڪري ٻي طرف وڃي ڏسڻ گهرجي".

صوفي لاڳيتا مجاهدا ڪري " نفس امّاره " کان " نفس مطمئنہ " جي مقام تائين پهچي ويو، سندس جي " دل " سفر جا سور سهي، مشڪل مرحلا طئي ڪري محبوب حقيقيءَ سان " حالت وصال جي منزل " ۾ قرار حاصل ڪري چڪي آهي، ان ڪري، دل جون اکيون کولي، "منتهي صوفي" کي انهن اکين سان ڏسو تہ جيئن ان کان " فيض " حاصل ڪري سگهو ۽ توهان کي روحاني دنيا جا جواهر ۽ موتي حاصل ٿي سگهن .

گهوري ٻي نہ تات، ميهار ئي من ۾
جو پڻ پيئي رات، هو سائر هوءَ سهڻي.

هن عاشق جي اها حالت آهي جو هن جي واتان، محبوب کانسواءِ ٻي ڪا ڳالهہ ئي نہ ٿي ٻڌجي، هو هر وقت انهي فڪر ۾ گم آهي دوست، احباب ۽ ملڻ وارا هن جي زبان مان هڪڙو ئي نڪتو ٿا ٻڌن، اهو محبوب سان محبت جو نڪتو آهي .

جيتوڻيڪ، رات جو وقت سمهڻ جي لاءِ هوندو آهي، پر سچي عاشق کي، سمهڻ جي فڪر ڪانهي، هن کي محبوب حقيقي جي لنئون لڳل آهي هو انهيءَ ئي فڪر ۾ غلطان آهي، محبوب جي لازوال حسن، سندس ننڊ ڦٽائي ڇڏي آهي ۽ کيس، سراپا اضطراب بڻائي ڇڏيو آهي.

هوت نہ ڏنائون، ڏوهہ نہ ڏيان جيڏئين
مٿي ڪري هنڙا هوند، مون جيئن رنائون.

ساٿيو! انهن جو ڪو ڏوهه نه آهي، جيڪي، ”محبوب اعليٰ جي انوار حسن مان فيضياب ئي نه ٿيا آهن، انهي ڪري سندس دليون ”محبوب“ جي ”طلب ۽ تات“ کان خالي آهين. جي هنن کي محبوب جي ” لافاني حسن “ جي، ٿوري به ڄاڻ هجي ها ته هو مون وانگي محبوب جي انوار حسن مان فيض وٺڻ لاءِ، درد عشق ۾ بيتاب هجن ها، ۽ هو ڳوڙها ڳاڙيندي انهيءَ عظيم پنڌ جا پانڌيئڙا هجن ها.

مجا ڪئا مهان، ڪلهن مٿي ڪينرا
سپڙ ڄام سيٽان، ويهي رات ورنئو.

اهي عاشق صادق، خوشي ۽ فرحت ۾ آهن، جيڪي، سوزو ساز جي سامان سان، بهره ور آهن، انهن جي بي انتها مسرت جو سبب اهو آهي ته رات، انهن کي محبوب جي، مشاهدي جي، سعادت عظميٰ حاصل ٿي هئي ۽ محبوب حقيقيءَ سان، ڳجها راز ونڊڻ جو موقعو نصيب ٿيو هو.

ڪنهن سر سندا هنجڙا، ڪٿي ٿا چٽن
مون پريان جا پکڙا، تهان پري ٿئا.

اهي پکي، کهڙي چشمي مان سيراب ٿيا آهن ۽ ڪٿي وڃي داڻو چڳن ٿا، يعني اهي ” عارف “ اهي آهن، جيڪي ” محبوب “ جي چشمي مان ئي ”آب حيات“حاصل ڪن ٿا، سندن غذا به محبوب جي ”انوار حسن “ جون شعائون آهن. ( روحاني دنيا جا پرديسي اهي ” پکي “ هن ” ديس “ ۾ داڻو چڳڻ آيا آهن).

محبوب اعليٰ “ عظمت ۽ شان واري هستي “ ان کان به پري آهي، يعني محبوب جي دنيا، اهڙي لازوال ۽ عظيم دنيا آهي جو، عاشق صادق، سڄي حياتيءَ جي مجاهدن کانپوءِ به، هن دنيا جي ڪجهه حصي تائين به نه پهچي سگهيا آهن.



آيل! سوهڻو (ڏ) سهڻي ڪام وسهي
ستي هئڙا گڏ، جان، جاڳان ته ناهه پرين.

ائي ماءَ! خوابن جي دنيا، اعتبار جوڳي ناهي، خواب ۾ محبوب جي ”انوار حسن “ مان، بهره ور ٿيڻ، اعتبار جي لائق نه آهي. ننڊ ۾ محبوب جي معيت حاصل هجي ۽ سجاڳيءَ ۾ محبوب جي وصال کان محروم هجين، اهو ته ٺيڪ نه آهي، محبوب جي لاءِ شديد مجاهدا ڪري، حالت بيداريءَ ۾ ان سان تعلق جو مستحڪم هجي، ڪشف، القاءَ ۽ خوابن وغيره جي ڪائي حيثيت ڪانهي،اصل شئي،درد عشق آهي ۽ هر وقت، محبوب جي لاءِ بيتابي آهي. ۽ دل تي ان جي ئي ” فڪر “ طاري ۽ ان جي ئي ” ياد “ جو غالب هجڻ آهي، جي ڪڏهن اها، سعادت حاصل آهي ته پوءِ، بهتر خواب، ڪشف ۽ القاءِ وغيره، نه هجن ته، فڪر جي ڪا ڳالهه ڪانهي.

اڪڙيون ملير، جنين راتو ڏينهن
عمر آسائن سين، هاڻي ڪنديںء ڪيئن؟

اهي عارف، جيڪي هر پل، روحاني دنيا ۾ رهن ٿا، جن جون، اکيون ۽ دل محبوب جي مشاهدي ۾ مستغرق آهن، ائي سرڪش نفس! تون اهڙن عارفن کي، محبوب کان پري ڪرڻ لاءِ فريب ۾ مبتلا ڪرڻ، ” دولت ۽ شهرت“ جي چاهه ۾ مبتلا ڪري ڪين، الله سائين جي ياد کان غافل ڪرڻ ۾ ڪئين، ڪامياب ٿي سگهندين؟ اهي ته، تنهن جي فريب مان نڪري محبوب تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾، ڪامياب ٿي وڃن ٿا، اهي، جسماني طور تي ته هن، ”مادّي “ دنيا جو حصو آهن پر، انهن جي روح محبوب جي دنيا ۾ سفر، ڪندي رهي ٿي ۽ انهن جي دل، محبوب جي انوار حسن مان فيضياب رهي ٿي.

ڏيهه ڏيهان ئي ناهه، جتي پير نه پکيان
تتي ڪاهوڙيان، ور ڏيئي وڻ چونديا.

محبوب جي دنيا، ٻين دنيائن کان بلڪل مختلف ۽ ڌار آهي، هن دنيا ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ماڻهو جن تجربن ۽ مشاهدن مان گذري ٿو اهي هن کي، سراپا " حيرت ۽ مسرت " بڻائي ٿا ڇڏين. محبوب جي اها دنيا دائمي حياتيءَ جو پيغام پڻ آهي، اها اهڙي دنيا آهي، جتي ( پنهنجي پرواز جي بلندي جي باوجود ) پکي ٻہ پر نہ ٿا هڻي سگهن. اهي عاشق صادق ئي آهن جيڪي، سخت مجاهدن جي ذريعي هن دنيا ۾ داخل ٿي، حيات بخش وڻن جي ميون مان لذت حاصل ڪن ٿا.

پاڻي جان نہ ڪجن، روئي، ڏوئي اکڙيون
جر ڪجر جن اکين ۾، سي ڪيئن پرين پسن ؟

جيڪي اکيون، مادّي حسن تي فدا ٿي، گندگي ۽ ڪثافت سان، آلوده ٿي چڪيون آهن ( هاڻي انهن کي صاف ڪرڻ لاءِ ) جيسين، درد عشق جي دنيا ۾ داخل ٿي، روئي، ڌوئي اکين جي ميراڻ کي صاف نہ ڪبو تيسين، انهن اکين ۾، محبوب جي "انوار حسن" جي مشاهدي جي صلاحيت ڪيئن پيدا ٿي سگهندي ؟ عشق جي دنيا ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ سالڪ تي، ڪجھ عرصي تائين ڏک، غم ۽ روئڻ ڌوئڻ جي ڪيفيت طاري رهندي آهي، روئڻ، ڌوئڻ جي اها ڪيفيت، " محبوب کان دوري ۽ حالت غفلت " ۾ قيمتي وقت وڃائڻ ۽ پنهنجي گناهن تي روئڻ پڇتائڻ تي ٻڌل آهي. ائين اکين جي " استعداد " ۾ واڌارو ٿيندو رهي ٿو ظاهري اکين جي روئڻ ڌوئڻ سان، " باطني اکين " جي بصيرت تيز کان، تيز تر، ٿيندي وڃي ٿي.

" لا " لاهيندي ڪن کي، " لا " موراهين ناهہ،
بالله ري پريان، ڪٿ نہ ڏسجي ڪي ٻيو.

عارف شاعر. ( محبوب جي انوار جي غلبي جي اثر هيٺ ) فرمائين ٿا تہ " لا " جي لفظ جي ادائيگيءَ جي ذريعي ڪنهن، ڪنهن جو انڪار ڪندين؟



" لا " تہ مورڳو موجود ئي ڪونهي، خدا جو قسم، محبوب کانسواءِ ڪائي شئي نظر نہ ٿي اچي "صوفي" جڏهن، " انوار الاهيءَ سان سرشاريءَ جي هن مقام تائين پهچي ٿو جتي، " ذڪر " هن جي رڳ، رڳ ۾ رچي وڃي تہ پوءِ، محبوب جي تجلين اڳيان، هنکي ٻيو ڪجھ بہ نظر نہ ٿو اچي ( جڏهن تيز روشني سامهون هجي تہ اکين اڳيان، ٻيون سڀ شيون غائب ٿي وينديون آهن ) تہ ڪجھ دير تائين هن "مقام تي" ويهڻ کانپوءِ ان جو فنائي "نفس جي فنا" وارو سفر مڪمل ٿئي ٿو. تنهن کان پوءِ هن کي، حالت " بقا " ۾ واپس آندو ويندو آهي. هاڻي هو " حالت محويت " کان " حالت صحو " ۾ اچي ٿو ۽ کيس، "محبوب حقيقي"۽ ٻين جي وچ ۾ واضع فرق نظر اچي ٿو. البتہ "دوئي ۽ دورنگي" کان پارڪي سبب هو اشياء کي "محبوب خالق" جي عارضي تخليق سمجهي ٿو (اهو قاضي قادن رح جو بيت آهي جيڪو شاهہ ڪريم پنهنجي مجلس ۾ بيان ڪيو هو) ان بيت جي جواب ۾ هاڻي، شاهہ عبدالڪريم، پنهنجو شعر بيان ڪن ٿا.

" لا " م لوڏي ڪيِ، اِلاّم لاهہ لک سين،
جو مظهر سندو ماڙهئين، تنهن ڪيئن ڪري وڌ.

" لا " جي لفظ جي تڪرار، ڪندو رهہ ان سان گڏوگڏ، " الا " جي لفظ کي بہ هڪڙي پل جي لاءِ نہ وسار، چاڪاڻ تہ، "محبوب " تائين "پهچ" ٻين جي "نفي" جي ذريعي ئي ٿي سگهي ٿي. شاعر صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا تہ انسانن جي مظهر کي ڪيئن جدا ڪري سگهجي ٿو.

سائر ڏيئي لت، اوپر نيچي ٻوڙئي.
هيڪائين هيڪ ٿيو ويئي سڀ جهت.

درياء پنهنجي تيز وهڪري سان، هيٺان، مٿيان سڀ علاقا پاڻيءَ هيٺ آڻي ڇڏي ٿو هاڻي شين جو وجود ختم ٿي، سڀ هڪ جهڙائي نظر اچي ٿي. (قاضي قادن جو بيت آهي ) جواب ۾ شاه عبدالڪريم چون ٿا.

سائر ڏيئي نہ لت، اونچي، نيچي سڀ ڪي،
نابودي نا ٿيئي، اي ناديدي جهت.

درياءَ جي پاڻيءَ جي شدت ڪان، هيٺيون مٿيون سمورو علائقو نابود نہ ٿو ٿئي، پرپاڻيءَ جي شهہ زوريءَ سبب، اکين ڪان اوجهل ضرور ٿئي ٿو" عاشق صادق." جي اها حالت، تڏهن ٿئي ٿي، جڏهن، محبوب حقيقيءَ جي انوار جي شدت جي اثر هيٺ سندس اکيون، چڪا چوند ٿي وڃن ٿيون، ان ڪي، محبوب جي انوار ڪانسواءِ ڪاشئي نظر نہ ٿي اچي، ايتري قدر جو ڪيس پنهنجو وجود بہ نظر نٿو اچي. اهو انوار جي تيزي ۽ شدت جو اثر هجي ٿو، سڀ شيون موجود هونديون بہ انهن جو نظر نہ اچڻ، اهو وحدت الوجود جي وقتي ڪيفيات جو نتيجو آهي.

ڪاجا پر پرين، سانہ سسئي ٻڏي
متيون سڀ منجهن، انهيءَ ڏنئي قضئي

پنهنجي چاهيندڙن سان محبوب جي ادا اهڙي آهي جو بيان و ادراڪ ڪان ٻاهر آهي، محبوب سڀ ڪان پهريان قبض ۽ هيبت جي تيرن سان، " سالڪ " کي زخمي ڪن ٿا، ان جو نفسياتي ۽ وجداني طور تي سيني ڪان رشتو ڪٽي ٿا ڇڏين، سيني ڪان بي نياز ٿا ڪري ڇڏين، هن ڪي، ڪجھ عرصي تائين سراپا حيرت ۽ حسرت جي مقام تي رکن ٿا، وقفي، وقفي سان انوار حسن سان فيضياب ڪري، سندس شوق کي اجان وڌائين ٿا.

"راه سلوڪ ۾ هلندي، هلندي جڏهن سالڪ ٿڪجي چور ٿئي ٿو ان جي توانائي جواب ڏيئي وڃي ٿي هو" زبان حال ۽ زبان قال" سان ڪجهہ بہ ڪچڻ جي سگهہ نہ ٿو ساري، پنهنجو پاڻ کي مڪمل طور تي محبوب جي حوالي ڪري ٿو ڇڏي ۽ ڏٽيءَ در ٻاڏائي ٿو تہ هو ڪيس حالت وصال نصيب فرمائي يا پاڻ وٽ سڏي وٺي، عين انهيءَ حالت ۾، انوار جي تيز روشنيءَ سان



ساڻس سڀ ڏک ختم ٿا ٿين ۽ " محبوب " کيس پنهنجي " مستقل معيت " ۽ وصال جي دولت عظميٰ سان سرفراز ٿا فرمائين.

شاعر وڏيڪ فرمائي ٿو تہ اها ( سلوڪ ) جي راه اهڙي آهي جتي، عقل ۽ ادارڪ بي وس رهجي ٿا وڃن ۽ مٿن "حيرت" طاري ٿيو وڃي،"عقل"جي لاءِ محبوب جون "ادائون" سمجهڻ ۽ محبوب جي "انوار حسن ۽ ان جي قبض ۽ هيبت " جي جلالي ۽ جمالي عڪسن جو فهم ناممڪن آهي. انهيءَ ڪري هتي، عقل جا گهوڙا ڊوڙائڻ ۽ فلسفو منطق ۽ استدلال جون عمارتون اڏڻ ۽ سڄي زندگي قيل قال ڪان ڪم وٺڻ اهو رڃ ۾ پاڻي ڳولڻ مثل آهي. اها " راه " تہ رڳو دل جي ذريعي ئي طئي ٿي سگهي ٿي، " دل جي سجاڳيءَ " ڪانسواءِ " مادّي عقل " جي صلاحيت ايتري تہ محدود آهي، جو اهو " محبوب جي انوار " جي " دز " تائين بہ نہ ٿو پهچي سگهي، البتہ عقل کي دل جي حوالي ڪرڻ ۽ عارفن جي سامهون خود سپردگي اختيار ڪرڻ ڪانپوءِ، دل کي محبوب جي جن نوراني تجلين سان نوازيو وڃي ٿو، ان "انوار" سان عقل کي بہ اڻ سڌي طور تي فيض ملي ٿو، جنهن سان هو انهي " راز " کي عقل سان سمجهڻ جي قابل ٿئي ٿو. جنهن سان " دل وجد جي حالت ۾ اچي ٿي. "

پاڻهي سلطان، پاڻهي ڏئي سنيهڙا
پاڻ ڪر پاڻ لهي، پاڻ سڃاڻي پاڻ.

" وحدت الوجود " جي " غلبي جي رنگ وارو " بيت آهي، جنهن جي، تشريح، سان ڪو فائدو حاصل نہ ٿيندو "وحدت الوجودي ڪيفيات " وقتي نوعيت جون ڪيفيتون آهن، جنهن ۾ سالڪ کي، محبوب ڪانسواءِ ڪاشئي نہ ٿي نظر اچي،انوار جي اثر هيٺ، صوفيءَ جون مادّي " حسون ۽ عقل"مدهوش ٿي وڃي ٿي، اهڙي حالت ۾ سالڪ معذور سمجهيو ويندو آهي.

اسين سڪون جن کي، سي تان اسين پاڻ
هاڻي وچ گمان، صحيح سڃاتا سپرين

اسان جنهن پريءَ لاءِ سڪون ٿا ۽ راتون و ڏينهن جنهن جي " حبّ " ۾ تڙپندا رهيا سين، اهو " محبوب " تہ اسان جي اندر ۾ موجود آهي. " ونحن اقرب اليه من جبل الوريد " پنهنجي اندر مان ئي ان جا پيغام اچي رهيا هئا، هاڻي خبر پيئي تہ . محبوب " اسان کان جدا ناهن.

پنهنجي مادّي وجود جي فنائيت ۽ پنهنجي ذات نفي ڪرڻ ڪانپوءِ نفسي قوتون ڪمزور ٿيون ۽ "محبوب حقيقي" تائين رسائي جي صورت پيدا ٿي.

جنهن سر سندو نور، جيلاه سو سونهون ٿئي
تيلاه لين سيرين، ڳالهہ لهجي مور.

محبوب جنهن "سر چشمئہ نور"جي حامل هستي آهي،اها پنهنجي عاشقن کي، ان " نور " جي طرف رهنمائي ڪري ٿي ۽ ڪين ان نور مان فيضياب ڪري ٿي. يهدي الله لنوره من يشآءُ " ( الله پنهنجي نور سان بهره مند ڪري ٿو جنهن کي چاهي ٿو ) "ياايهاالذين آمنوا اتقوالله و آمنوا برسله يؤتڪم ڪفلين من رحمته ويجعل لڪم نورًا تمشون به ( اي ايمان وارؤ ! تقويٰ اختيار ڪريو ( الله کان ڊڄو ) ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو تہ، توهان کي رحمت جا ٻہ حصا عطا ڪيا ويندا ۽ توهان کي اهڙو نور" عطا ڪيو ويندو جنهن ۾، توهان هلندؤ).

شاعر چوي ٿو تہ محبوب ان نور جي ذريعي ئي حاصل ٿئي ٿو يعني، " محبوب" جي " معيت ۽ قرب " تائين رسائي، ان" نور " جي ذريعي حاصل ٿئي ٿو شريعت جي سيني تعليمات جو خلاصو محبوب جي رضا حاصل ڪرڻ آهي ۽ ان تعليمات جو حاصل، درد عشق ذريعي ان سان، وصال جي ملڪي جو حصول آهي.

سوئي هيڏان، سوئي هوڏانهن، سوئي من وسي،
تنهين سندي سوجهري، سوئي سو پسي.



محبوب جو تجليون هر طرف آهن، ڪائنات جي سڄي خوبصورتي انهن تجليات جو نتيجو آهي. اهو ئي محبوب، دل جي اونهاين ۾ بہ وسي ٿو، جڏهن دل تان ڪٽ لاهي (الله جي ذڪر جي ذريعي) ان جا حجاب ختم ڪجن ٿا تہ " محبوب اعليٰ" جون تجليون " صاف ۽ چٽيون ڏسي سگهجن ٿيون.

آهي اهڃاڻو پير پريان جو جيڏيون
جنين ساڃاڻو تنين تان نہ پروڙيو

ساٿيو! "محبوب اعليٰ" اهڙي لازوال حسن جي مالڪ هستي آهي، جنهن جي، حسن جي ڪا حد ۽ حساب ناهي، جيڪڏهن ڪو عارف، عرفان جي دنيا ۾، آخري حدن تائين وڃي پهچي تہ بہ ان کي، ان حسن مان، تر جيتري بہ فيضيابي جي سعادت حاصل نہ ٿي سگهي، سبب اهو آهي تہ ڪٿي انسان ۽ ڪٿي " شان وعظمت واري محبوب جي هستي؟ دل ڦٽڪندي رهي يا محبت جي دريا ۾ غوطا ڪائي تہ بہ، "محبوب جي انوار حسن " جي دز تائين بہ نہ ٿا پهچي سگهن، البتہ محبوب جي انوار حسن جي معمولي شعائن سان بہ انجي ڪنهن حد تائين تسڪين ٿي وڃي ٿي.

سجڻ ساعت هڪڙي، جي ٿيئي اکنئون ڌار
تہ ڪر سڀ ڄمار، ڏٺوسين نہ ڪڏهنين.

حالت اها آ هي تہ محبوب جي "انوار حسن" جي هڪڙي پل جي محرومي اهڙي هوندي آهي جو ڄڻ، سڄي زندگيءَ جي محرومي آهي، "متوسط صوفيءَ هر گهڙي محبوب لاءِ تڙڦي ٿو مسلسل مجاهدن سان بہ سندس دل جي تسلي نہ ٿي ٿئي، محبوب جي انوار حسن کان، ٿوري دير جي محرومي بہ هن جي لاءِ ٻرندڙ تاندن تي ليٽڻ مثل آهي، هو محبوب جي حجابن کي (جيڪي قبض ۽ هيبت جي صورت ۾ ظاهر ٿيندا آهن ) قيامت جهڙا لمحا تصور ڪري ٿو.

هينئون نہ حاضر جن، پرين نہ اکڙين ۾
للا ڏانديا سکڻا، هو هون جاڙ جيئن.

جن جي دل ۾ اجايون سوچون ۽ خيالات پريل آهن، جن جي دل ۾ مادي دنيا جو هر گند موجود آهي، جن جيون اکيون، ماڏي حسن ۾ گم آهن، اهي، " محبوب حقيقيءَ جي انوار حسن جي مشاهدي" کان قاصر آهن. انهن جي حياتي بيڪار ۽ اجائي آهي، اهي بظاهر تہ ماڻهن جهڙا ماڻهو آهن، پر عملاً، هلندڙ ڦرندڙ" لاش " آهن.چاڪاڻ تہ، " زندگي " نالو آهي " دل " جي "زنده " هجڻ جو ۽ دل کي محبوب جي ذکر ۽ ان جي ياد سان آباد ڪرڻ جو ۽ محبوب سان، مشاهدي جي حالت ۾ رهڻ جو. تہ جڏهن " دل " محبوب جي ياد کان غافل ٿي وڃي ۽ دل ۾ دنيا جي چاهہ، لوڀ ۽ لالچ واري گندگي پرجي وڃي تہ پوءِ، اهڙي " دل " کي مئل چئبو ۽ اهڙي حياتيء کي موت چئبو.

انهين ۾ آهي، جي تون پانئين جهوپڙا
تاڙي جي لاهي، تہ لوڪ اجارو ٿيئي

حقيقي محبوب انهن فقيرن وٽ آهي، جيڪي دنيا کان بي نياز ٿي، جهوپڙين ۾، ان جي ياد ۾ مست رهن ٿا. ماڻهو جيڪڏهن، پنهنجي دل جا پردا هٽائي، پنهنجي اندر ۾ ٽبي هٽي تہ ان تي اها حقيقت روشن ٿي وڃي ۽ کيس معلوم ٿئي تہ، " محبوب حقيقيءَ" مادي حسيات جي پردن ۾ " انوار " جو ايڏو وسيع خزانو پوشيده رکيو آهي،جنهن تائين، پهچڻ کانپوءِ ماڻهو، سراپا حيرت بڻجي وڃي ٿو، مادي محسوسات ۽ عقل کان " بلند " ٿي ڪري " فرد " جڏهن محبوب جي انوار جي هن خزاني مان سرفراز ٿيڻ لڳي ٿو، تہ فرد لاءِ اها زندگي " حياة طيبہ " جو نمونو بڻجي وڃي ٿي، ۽ سندس سڀئي خواهشون ۽ ارمان پورا ٿيڻ لڳن ٿا. ڇاڪاڻ تہ، محبوب جي انوار جي شعائن سان ان جي " ماڏي حسن " جي " اڻ کٽ بک " جو خاتمو ٿئي ٿو ۽ دنيا جي سموري دولت جي حصول کانپوءِ " بہ نہ پرجڻ وارو پيٽ " ۽ حرص وهوس جا سڀئي بت پڃي پور، ٿيڻ لڳن ٿا. ان کان پوءِ سندس آرزو هڪڙي ئي باقي رهي ٿي تہ ڪاش فرد پنهنجي خالق ۽ پنهنجي معبود حقيقي ۽ محبوب حقيقيءَ جو



قدرڪن ۽ پنهنجي شخصيت کي ان جي " انوار " سان سيراب ڪري سعادت دارين جي راهہ اختيار ڪن.

منهن ڪر منجهارا، ٻاهر ڍونڍ م ڍور جئن،
اڪري آرا، ڪنڏيءَ پڄڻ ڏاڪڙو.

پنهنجي اندر ۾ ٽبي هڻ، جانورن وانگر گاهہ جي لاءِ، هتي، هتي وات نہ وجهہ، تنهن جي غذا اها ڪانهي، تون ڪائنات ۾ " احسن " تخليق ڪيو ويو آهين، توکي سڄي مخلوق ۾ " اشرف " هجڻ جو شرف حاصل آهي، تنهنجي غذا "محبوب جي انوار حسن جو مشاهدو " آهي. درد عشق جي ذريعي محبت جي دريا ۾ داخل ٿيءُ، جيتوڻيڪ، درياءِ محبت جي ٻي ڪناري تي پهچڻ، ڏکيو ڪم آهي، پر توکي سڀئي طاقتون گڏ ڪري، انهيءَ راه تي رڙهڻو پوندو، تڏهن ماڳ ملندءِ.

توڏانهن توتي ڏاڻ، هي پاڻ اتي مڱڻو
انهين پارين آسئو، ڪو چئي وڃائي پاڻ

ائي حقيقي محبوب! اي ڪائنات جا خالق! تنهنجي ذات پاڪ آهي، تون جيڏي عظيم هستي آهين، تنهنجو اوڏو ئي فضل ڪرم گهرجي، اوڏي ئي بخشش ۽ انعام عطا فرماءِ، تو ۾ اهائي اميد ۽ آسرو آهي. تنهنجو هي بندو بدڪار، سراپا محتاج، فقير ۽ طالب آهي، ان جون ضرورتون ۽ ان جا تقاضا، پنهنجي حساب سان آهن، تون پنهنجي فيض کي بيحد و حساب جاري فرماءِ، هي گنهگار، طلب ۽ مطالبو ڪري، پاڻ کي ڏنو ڪندو، ان مان سواءِ ان جي تہ پاڻ کي ظاهر ۽ رسوا ڪري، ٻيو ڪو فائدو ناهي ( ائي رَبّ! رحم ڪرڻ وارا، آئون، بندو آهيان، بدڪار شل، پنهنجو ڪرم ڪر تون هن، گندي گنهگار تي.)

جهوڙيرا جهٽڪن مٿي مين مڱڻا
سپڙ رات سمگڻا، ڏکيا ڏينهن ڏسن
گهر ٿا گهوٽ وڃن، چندا لٿي چارٽين

محبوب جا انوار يافته، سوز درد سان وڃي رهيا آهن محبوب انهن کي رات ئي پنهنجي انوار حسن سان فيضياب ڪري پنهنجي، وصال جي نعمت سان نوازيو آهي. انهن جا ڏک ڏاکڙا ختم ٿيا، هو حالت قبض ۽ هيبت مان نڪري، هرپل محبوب جي انوار حسن سان سرشار رهن ٿا. انهن مان، محبوب جي انوار حسن جون جهلڪيون صاف ڏسجن پيون. محبوب جي " وصال جي دولت عظمي" حاصل ٿيڻ ڪانپوءِ سندن، مجاهدا ختم ٿي ويا، انهن جي دل ۾ محبوب گهرڪري ورتو هاڻي محبوبن لاءِ سندن بيچيني ۽ اضطراب ختم ٿي ويو.

تان ڪي گهوري چل، لاڙائو سج ٿيئو
هاڙهي ڏاري هل، وڃي هوتن جو ٿئو.

اي سست سالڪ! حياتيءَ جو سج غروب ٿيڻ وارو اٿئي، محبوب ڏانهن تڪڙي وک وڌاءِ، اي راه حق جا پانڌيئڙا! انهيءَ پنڌ ۾ سستي ڪم نه ايندءِ. فناء جي مقام تائين رسائي ڪانپوءِ دل مان اٿندڙ سپ آواز، دل ۾ وڄندڙ سپ ساز محبوب جائي هوندا.

عارف شاعر، تلقين ڪندي چوي ٿو، محبوب جي انوار حسن جي مشاهدي جي سفر ۾ سستي ۽ ڪوتاهي، سالڪ کي نٿي سونهي، زندگيءَ جو سج لهڻ وارو آهي، سخت مجاهدن کان ڪم وٺي، انهيءَ سفر کي طئي ڪجي ته جيئن، نفس امّاره کان نفس مطمئنه تائين رسائي حاصل ٿئي ۽ " محبوب جي دائمي مشاهدي" جي " سعادت عظميٰ " حاصل ٿئي.

مجازي موهي ڪڏهن ويندءِ نڪري
اڪڙيون توهي، مچڻ وهين وسهي.

مادي حسن جي محبت ۾ مبتلا ٿيڻ ڪانپوءِ هي حسن، توسان وفا ڪونه ڪري سگهندو ، اهو جلد ئي توکي جدائي جو داغ ڏيندو، مادي اکيون، مادي حسن تي ئي موهجي ونديون آهن. اهي اکيون، اعتبار جي قابل ناهن، دل جي اکين کي سجاڳ ڪر ته انهن اکين جي اصليت ظاهر ٿئي.



دل جي اکين جي بيداري جي دوران، ڪجھ عرصي تائين سالڪ جون ظاهري اکيون، محبوب جي تجليات جي زير اثر، چڪا چوند ٿي وڃن ٿيون ۽ دل جي لاءِ محبوب جي مشاهدي جي " حالت استحڪام " ۾ مدد ڏين ٿيون ۽ مادي دنيا جي حوالي سان پنهنجي ڪردار جي ادائيگي جي ڪم کي محدود ڪري ٿيون ڇڏين.

منجهين مائو ناهه ڪي، پسڻ کي گهاتي
دنيا ڪسو نيي رنگ جيون ويندو ئي واتي.

هڪڙي رنگ جو ذڪر آهي جيڪو بظاهر ته گهرو ۽ (سهڻو) نظر اچي ٿو ، پر اصل ۾ ( هلڪو ) ۽ پاڻيءَ جي ڦڙن مثل آهي، هٿ لڳندي ئي متجي ٿو وڃي، دنيا جو مثال به اهوئي آهي ته هو بظاهر ته گهڻي، خوبصورت نظر اچي ٿي پر.

مٿن پاڻئي سون هي جر پرس جرڪڻون
وئين ورائي ون، ڪهه لڳي ڪارو ٿيو

مادي دنيا جيڪا، گندگيءَ جي ڍير مثل آهي (انسان جيڪي مادي غذائون کائي ٿو اهي، گندگيءَ جي صورت ۾ خارج ٿيو وڃن. هي " مادي جسم " جيڪو دنيا جي هر سهولت، لذت ۽ زيب و زينت مان فائدو وٺي ٿو آخر ۾ هن کي مٽيءَ ۾ ملي، مٽي ٿيئڻو آهي ) دنيا جي ظاهري خوبصورتي، مونکي دوکو ڏنو، مون ان کي حقيقي خوبصورتي سمجهي، ان سان محبت ڪئي، پر ان جي نتيجي ۾، ماديت جي گندگيءَ منهنجي دل کي ڪارو ڪري ڇڏيو

پلي وي پلي، پلي تڱائون آئي
بابا آدم اتي حوا پلي، پلي سپ دنيائي.

انسان جي حالت اها آهي ته هو خود سري ۾ مبتلا ٿي، خدا فراموش ٿي ويو آهي، انسانن جي شروع کان وٺي اها حالت رهي آهي، جو انهن جي "اڪثريت" فطرت ۾ موجود، خدا پرستي جي " طاقتور نصب العيني

تقاضي“ جي باوجود، نفسي لذتن ۾ گم ٿي، حقيقت ۽ سچائيءَ کان پري رهي آهي، اگرچہ حضرت آدم ۽ بي بي حوا“ کان بہ غلطي ٿي هئي، پر غلطيءَ تي ” پشيماني ۽ استغفار“ جي سبب اهي، رَبّ جي جونديل ٻانهن ۾ شامل ٿيا، پر انهن جي اولاد، جي اڪثريت کي پنهنجي بدعملن تي ندامت ۽ توبه جي توفيق ناهي، بلڪ هو، تڪبر، انا ۽ انانيت ۽ خودسري جو شڪار ٿي محبوب حقيقيءَ کان پري ٿي ويا آهن.

پوري پڳي جت ( جات )، ماڻڪ اساري پيو
ڪوهہ نہ ڏونديئي تت، تون بي اونگهيو هٿ ڪر.

ائي نادان عورت! تون موتين ( محبوب حقيقي ) ڳولا ۾، هتي، هتي سرگردان پئي ڦرين، اصل موتي تہ، تو وٽ ئي موجود آهن، تنهنجي دل جي گهرائي ۾ وکريل آهن، هتي، هتي ڀٽڪڻ جي بجاءِ ” نور معرفت“ جي ذريعي، محبوب حقيقيءَ کي پنهنجي اندر ۾ تلاش ڪر.

پوري پڳي جاو، ماڻڪ اساري پيو،
سري سرافين آو ( تون ) بي اينگهيو هٿ ڪر

اي ابوجهہ ٻانها! تنهنجي اها ڪيڏي خراب ۽ رحم جهڙي حالت آهي جو تون نفسانيت ۾ غرق ٿي، ماده پرستي جي دوڙ ۾، تيزيء سان ڀڄندو وڃين ٿو، توکي جنهن خوشي، لذت ۽ ڪامياب زندگيء جي حرص آهي ۽ ان جي ڳولا ۾ ٽڪجي چور ٿي ويو آهين، اها ” خوشي “ ۽ لذت جي لازوال دنيا تہ تنهنجي اندر ۾ موجود آهي، تنهنجي پلائي انهيءَ ۾ آهي تہ تون، بنان دير جي عارفن ( صرافن ) وٽ وڃ، اهي تنهنجي اندر ۾ موجود موتين تائين رسائي ۾ تنهن جي مدد ڪندا، جنهن کانپوءِ تون جوهرن سان مالا مال ٿي ويندين.

هٿ وٺا جهٺن لوڻ، ڪستوري جهنگيئن گهري
سچائي دي صابوڻ، اندر اڇا نہ ڪري.



عام ماڻهن جي عڪاسي ڪندي شاعر فرمائي ٿو، تہ دينداريءَ جون ڪجهہ رسمون پوريون ڪرڻ کان پوءِ، اها اميد رکڻ تہ ڪين، ” دائمي زندگيءَ ۾ موتي ۽ جواهر “ حاصل ٿيندا، اها اميد اجائي آهي، ”معرفت جي نور“ سان نفس جي ڪدورتن جي صفائي جيستائين نٿي ٿئي، تيستائين نہ تہ ماڻهوءَ ۾ ماڻهپ ( انسانيت ) اچي ٿي نہ وري ڪيس، محبوب جو وصال حاصل ٿئي ٿو.

ميان، محلان، منديان، اڇليان چلن
هٿئون ڳنن ٻڪري، جهنگين اٺ مڱن

مالدار ۽ بااختيار فردن جي حالت اها آهي تہ هو، دولت، اختيار ۽ اقتدار کي غلط نموني استعمال ڪن ٿا، انهيءَ جي نشي ۾ مست ٿي، ڪمزور ۽ مسڪينن تي ظلم ٿا ڪن، انهن کي ڏوڪو ۽ فريب ڏين ٿا، انهن جي پگهرجي ڪمائي تي عيش ٿا ڪن، انهن جي حالت اهڙي ٿي وئي آهي جڻ، دڪاندار کان ٻڪري خريد ڪري، مٿان مفت ( رونگ ) ۾ اٺ ٿا گهرن ــ دولت ۽ اقتدار جو نشو، ماڻهوءَ کي خود سر، خود بين ۽ عاقبت نااندیش بڻائي ڇڏي ٿو.

هر، هر فال ڪرينديان، ردّي گئي وهاء
وڃي پوءِ ڇو سانوڻ ستيان لاوي لڳن آءِ

هاري، ٻنيءَ ۾ ٻج ڇٽي، بي فڪر ٿي سمهي رهيو، اهو انوقت جاڳيو، جڏهن فصل تباه ٿي ويو ، هاڻي هنکي اها فڪر لاڳو آهي تہ فصل کانسواءِ سندس گذران ڪيئن ٿيندو؟ هنجي حياتيءَ جا ڏينهن ڪيئن بسر ٿيندا؟ عام ماڻهن جي اهڙي ئي حالت آهي، ” قيمتي زندگيء جو سرمايو، حياتيءَ جا اهي ڳڻيل پل “ جيڪي هن کي، آخرت جي فصل “جي تياريءَ لاءِ مليا هئا، اهي هن غفلت جي ننڊ ۾ سمهي ضايع ڪري ڇڏيا، هاڻي جڏهن زندگيء جو سج لهڻ وارو آهي، سڀ توانائيون ختم آهن، هاڻي اها ڳڻتي ستائي ٿي تہ، اربن، کربن سالن جي ابدي حياتيءَ جي گذاري لاءِ تہ ڪو فصل نہ لڻيم ۽ نہ وري ڪجهہ ڪٽا ڪمايم، هاڻي اهو پڇتاء بيڪارِ اجايو آهي.

توبهہ ڪري نہ باهڙي، باهڙي توبهہ ڪن
ڪيهي سادي هٿ ۾، رڏي اجاڙين.

اهي پاڻ کي پڏائيندڙ ۽ تڪبر ڪندڙ رحم جي قابل آهن، جيڪي خدا کان سرڪشي اختيار ڪرڻ باوجود، توبهہ ۽ استغفار جي راھ تي نٿا اچن، لڳاتار خود سري جي واٽ تي روان، دوان آهن، اهي ابوجهہ ماڻهو پنهنجي حياتيءَ جي ( موڙي ) يعني وقت کي، غفلت ۾ وڃائي، آئنده زندگي جي فصل کي پنهنجي هٿن سان برباد ڪري ٿا ڇڏين، مختصر زندگيءَ جا قيمتي لمحا جيڪي آئينده زندگيءَ جي تياريءَ لاءِ مليا هئا، اهي نفسانيت، خودسري، ۽ نفس پرستي جي مقصدن ۾ خرچ ڪرڻ ناداني آهي، ۽ فصل کي تباھ ڪرڻ جي مترادف آهي.

جي سائين سون سچ، تو پو ڪوڙا سٽڙي
اپا ٿي ڪر نچ، توٽي آڱر ڙا بلئہ

جنهن فرد جو الله تعاليٰ سان تعلق مضبوط آهي ان کي ڪهڙي شئي جو خوف ٿي سگهي ٿو؟ اهو تہ هر قسم جي خوف ۽ ڏک کان محفوظ ٿي وڃي ٿو ان کي باطل ۽ ماديت جون وڏيون طاقتون بہ خوفزده ڪري نٿيون سگهن، جيڪو فرد حق تي قائم آهي، انکان، ٻيا ماڻهو مرعوب ۽ دهشت زده هجن ٿا، حق تعاليٰ سان مستحڪم تعلق رکندڙن جي حالت اها هوندي آهي، جو باهہ جي تپش سان بہ هنن جي پيرن ۾ لرزش نٿي اچي.

پاٽي واٽي رنگ ۾، پاٽون واڻ تائين،
رنگيندڙو پاڻ ڏٽي، سپني رنگ سنداس.

خالق ڪائنات، ڪائنات جي تخليق اهڙي ريت ڪئي آهي، جو هن جي هر تخليق، انهي " ذات واحد " جي شاهدي ڏيئي رهي آهي، ان جي وحدت جو سبق ڏيئي رهي آهي. جيئن تہ ڪائنات جي هر شئي ۾، وحدت جو زبردست نظام موجود آهي، تنهنڪري هو خداءِ واحد جي وحدانيت جو



سبق ڏيئي رهي آهي، اشياءِ ڪائنات جي مطالعي ۽ مشاهدي سان، قدرت جي حيرت ۾ وجهندڙ قوتن کي ڏسي ڏندين آڱريون اچيو وڃن.

انان ئي پنا ڪرين، پنا ان منجهاؤ
راڄ تنهنجو راڄيا، ٻيا راوئي راو

ائي الله تون! اها عظيم هستي آهين جنهن، ڪن چئي، سڀ ڪجهہ پيدا ڪيو آهي، تون پنن ۽ گلن مان اناج پيدا ڪرين ٿو ۽ جي چاهين تہ اناج کي ڪلن ۾ تبديل ڪري ڇڏين، اي مالڪ، تون ئي تون آهين، جنهن جي ڪائنات ۾ حقيقي بادشاهي قائم آهي، دنياوي بادشاھ تہ بي اختيار ۽ بيوس آهن، بادشاهي ۽ حڪمراني جي دعويٰ جي باوجود بہ انهن جي حالت اها آهي تہ هو پنهن جي جسم کي فنا کان بچائي نٿا سگهن، پاڻ کي لاحق بيماريءَ جو مداوا نٿا ڪري سگهن بس، ڪائنات ۾ هر هنڌ،تنهن جي ئي ڪار فرمائي آهي،

ڪوسي ڪو پل نيچيءَ تاڙي بن ڏاهي
عقل عيب الله (1) الله ئي اي آهي

ڪائنات ۾ هر لمحي ٿيندڙ تغير ۽ تبديلي حيرت انگيز آهي جهنگ ۾ وڻ جي ٽاريءَ کي لڳندڙ باهہ، ڏسندي ئي ڏسندي ، سڄي جهنگ کي ساڙي خاڪ بڻائي ڇڏي ٿي، اهڙي طرح، ڪائنات ۾ خدا جي خدائي ڪارفرمائيءَ جو رنگ ڏسي عقل دنگ رهجيو وڃي، سموري ڪائنات ۽ ڪائنات ۾ موجود هر شئي خدا جي " ڪن " چوڻ سان وجود ۾ آئي آهي اها اهڙي عظيم هستي آهي، جو انساني عقل کان ماوريٰ آهي، ان جي ڳجهي اسرارن کي عقل جي ذريعي پروڙي نہ ٿو سگهجي.

توڙي وڃن روم، نانہ نصيبون اڳرو
ماني وتئين ٿوم، جي لکيا ڇپن ۾

هر ماڻھوءَ جي نصيب ۾ رزق جو جيترو حصو لکيل آهي،اهو هنکي هر صورت ملي رهڻو آهي. چاهي هو روزگار جي ڳولا يا معاشي خوشحالي جي لاءِ روم (يورپ) ئي ڇو نه وڃي. قسمت ۾ لکيل روزيءَ کان وڌيڪ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪٿي هو ڪيترائي هٿ پير ڇو نه هڻي. ڪجھ هڙ حاصل نه ٿيندو. هتي روزيءَ مان مقصود، جسم جي بنيادي ضرورت، دال ماني ۽ ڪپڙو وغيره آهي. انهن شين جي ذميواري الله تعاليٰ کنئين آهي، هر ماڻهوءَ جي نصيب ۾ اهڙي قسم جو رزق لکيل هوندو آهي. البته معاشي خوشحاليءَ جو ذمو الله سائين ناهي کنيو . گهڻي دولت سان جيڪي فساد پيدا ٿين ٿا. انهن کي ڏسندي اسلام جو مزاج هي رهيو آهي ته. گهڻي دولت جي حصول ۾ گهڻيون توانائيون خرچ نه ڪجن ته بهتر آهي. قرآن پاڪ ۾ ڪافرن کي حاصل گهڻي مال و دولت جي باري ۾ فرمايو ويو آهي ته. " اسان. انهن کي گهڻي دولت ڏيئي، دنيا ۾ ئي عذاب ڏيڻ چاهيون ٿا .

توڙي نه ڏيئن توءِ، توئِج تنهنجو آسرو
تو در ڇڏيان ڪيئن؟ اي وڏا راڄيا!

اِئي مولا. جي تون مونکي پنهنجي در تان ڌڪاريندين ۽ هٿين خالي به موٽائين ته به. منهنجي لاءِ توکانسواءِ ڪو آسرو ڪونهي. آئون تو کانسواءِ ڪيڏانهن ويندس؟ منهنجو سڀ ڀرم، تنهنجي ذات سان ئي ته قائم آهي.

آهر، الاهر، ڪوءِ م لاهيو ڪڏهين
ويا ڪاج هٿانو وڌ آئيندو وڌو ڏٽي.

الله سائينءَ تي يقين ڪامل رکجي ۽ توڪل جو دامن ڪنهن صورت هٿان نه ڇڏ جي. انهيءَ انهن توڪل جي نتيجي ۾ جيڪي ڪم اجان تائين. نه ٿي سگهيا هئا، انهن جي پورائي جي صورت به پيدا ٿيندي ۽ الله جي طرفان. وڌيڪ ڪمن جي بهتر سبيل پڻ پيدا ٿيندي " ومن يتوڪل



علي الله فهو حسبہ (جيڪو الله تي توڪل ڪري ٿو بس الله ان جي لاءِ ڪافي آهي) اليس الله بڪاف عبده (ڇا الله پنهنجي ٻانهي جي لاءِ ڪافي نه آهي.)

توڪل جو مفهوم اسباب ۽ وسائل تان هٿ ڪڍڻ يا ان کان بي نياز ٿيڻ نه آهي، بلڪ " اسباب کي اختيار ڪندي، اسباب کي ئي ڪاميابيءَ جي ڪنجي سمجهڻ بدران پنهنجيون سڀ اميدون، مسبب الاسباب هستيءَ سان وابسته ڪرڻ آهي،البته. توڪل جي اعليٰ صورت جيڪا. وڏن اولياءِ ڪرام کي حاصل هوندي آهي. اها الله کان سواءِ بي نيازي آهي، انکي " فقر " به چوندا آهن .

تون آڌار، سڌار تون، تون اڌائون اڌ
تون ئي اڪڙين مون تون اندر هڌ
ڳل لڳي ڳالهه چوان، ڪيهي حاجت سڌ

اي رَبّ منهنجا!تون ئي منهنجو سهارو آهين. تون ئي آهين. جيڪو منهنجي هر طرح جي حاجت ۽ مشڪلات کي دور ڪرڻ وارو آهين. تون ئي منهن جي دل جي ٿڌاڻ ۽ اکين جي راحت آهين. تون ئي آهين جيڪو منهنجي جسم جي هر حصي ۽ هر عضوي جي سڪون جو باعث آهين. تون ته مون کان ايڏو ويجهو آهين.جو آئون اڪيلائيءَ ۾ پنهنجي سامهون پنهنجا ڏک، درد بيان ڪري سگهان ٿو تون اهو آهين. جيڪو منهنجو جسم وجان جو حصو آهي. جنهن سڏڻ ۽ پڪارڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي .

سيچاٽان اتي سينهن ڏو وئن وسن جهنگ ۾
سوڪڙ ڪاون ڪيئن ماس جنهين ڪو لکيو.

باز ۽ شينهن هڪڙي جهنگ ۾ رهن ٿا پر. هنن ٻنهي جي غذا مختلف آهي جنهن جي قسمت ۾ گوشت کائڻ لکيو ويو اهو گوشت ئي کائيندو. گاهه هرگز نه کائيندو .

جي، جي ٻولي مئن ڪيئي سو سو منجهہ نہ ٿيان
اس چنگي ديوان مئن سيئي مڪر گيان.

محبوب حقيقيءَ سان " الست بربكم جي وقت " قالو بليٰ " جي صورت ۾، جيڪي واعدا مون ڪيا هئا، اهي مون کي پاڙڻ کپندا هئا، سڀ ڄمار تنهنجي حب ۾ گذاريندس ( تنهنجي ذڪر و فڪر ۽ عبادت ۽ عبديت کي پنهنجيءَ حياتيءَ جو دستور بڻائيندس تنهنجي حڪمن ۽ قوانين کان، ذرو بہ منهن نہ موڙيندس ) آئون اهو خود بين شخص آهيان، جنهن محبوب حقيقي سان ڪيل قول ۽ قرار وساري ڇڏيا، ۽ پنهنجي نفس جي قوتن کي "معبود" بڻائي، ان جي "پوڄا" ۾ پنهنجي قيمتي حياتي وڃائي ڇڏي.

پڳا ساڃا نہ ٿيئي من موتا هل ڪچ
ڪنين سڻا نہ منئيي اکين ڏٺو سچ.

دل جي حقيقت جو مثال، ڪچي موتي وانگر آهي، اهو ڪچو موتي جيڪڏهن هڪ دفعو پچي پيو تہ ان جو سچو ٿيڻ مشڪل آهي، ان ڪري، حقيقت جي ادراڪ جي لاءِ رڳو ٻڌل ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪجي بلڪ، حقيقت جو دل جي اکين سان مشاهدو ضروري آهي. ڪنن جو بہ اعتبار ناهي، ڪنن جي اها عادت آهي تہ اهي ڳالهہ کي، هڪڙي ڪن مان ٻڌي ٻي ڪن مان ڪڍي ڇڏيندا آهن. ان ڪري " محبوب " جون ڳالهيون ٻڌي انهن تي آمنا ۽ صدقنا چوڻ جي لاءِ، " دل جي ڪنن ۽ دل جي اکين " جي بيداريءَ جي ضرورت آهي تہ ان سان، حق اليقين جي حالت پيدا ٿي ويندي، دل، جيڪڏهن هڪ دفعو مشاهده، جي سعادت کان محروم ٿي وڃي تہ ۽ فرد هڪ دفعو هن لذت کان آشنا نہ ٿيو تہ هو مادّي قوتن ۽ لذتن جو قيدي بڻجي ويندو تنهنڪري، هن کي شروع کان ئي محبوب جي انوار حسن جي مشاهدي جي لذت کان بهره ور ڪيو وڃي .



ڪنز وري ڪافيا ڪ ڪوهہ نہ پڙ هيوم
سو پار ئي پيو ڪو جيان پري لڌوم

ڪنز قدوري ۽ ڪافيا وغيره يعني ڪتابي علوم، مون حاصل نہ ڪيا آهن، اهو تہ رستو ئي جدا آهي جتان مون، " محبوب جي" معرفت ماڻي،

لوڪان نحو صرف، من مطالع سپرين
سو سوئي پڙهيو پڙهان، سوئي سو حرف

عام ديندار ماڻهو محبوب تائين رسڻ جي لاءِ صرف ونحو جي علوم ۾ غلطان آهن. جڏهن تہ منهنجي حالت اها آهي تہ آئون محبوب جي مشاهدي ۾، مستغرق آهيان، محبوب جو مشاهدو،جنهنجو مؤثر ذريعو " اسم ذات " جو ذڪر آهي، آئون تہ بس، راتو ڏينهن انهي، اسم ذات جي ذڪر ۾ مصروف آهيان، منهنجيون سڀ توانائيون " معرفت رب " ۾ ئي خرچ ٿي رهيون آهن.

سيئي سيل ٿيام، پڙهيام جي پاڻ لئہ،
اکر اڳيان اپري واڳو ٿي وريام.

اهي علوم جيڪي مون، پنهنجي شخصي وجاهت، جذبهٔ شهرت، حب جاهہ ۽ حب مال جي لاءِ حاصل ڪيا هئا، اهي، منهنجي لاءِ ڪنڊن جي حيثيت رکن ٿا، رڳو اهو نہ، بلڪ اهي "علوم" واڳون بڻجي مون تي الرٽا ڪن.

سجڻ منجهہ هئام، مون ويني واءِ ٿيا،
هيڏان، هوڏان هٿڙا هيئن جاڙوڏام.

محبوب جا انوار حسن تہ هيئڙ، منهنجي دل جي گهراين ۾ موجود هئا پر، هاڻي ڏسان ٿو تہ " دل " محبوب جي " انوار " کان خالي آهي، گهڻي ڪوشش ڪيم تہ "هيبت ۽ قبض" جي حالت دور ٿيئي پر، انوارحسن جي ڪيفيت بحال ٿي نہ سگهي، حالت بسط ۾ سالڪ، محبوب جي انوار حسن

سان نوازيو ويندو آهي جڏهن ته حالت قبض ۾ ان کان، "انوار" "سلب" ڪيا ويندا آهن، (حالت قبض جو اهو بيت آهي .)

سائر ڏيئي لت، اوچي، نيچي ٻوڙئي
هيڪائين هيڪ ٿيو، ويئي سڀ جهت.

درياءَ جي سرڪشيءَ جي نتيجي ۾، هينيون، مٿيون سمورو علائقو پاڻيءَ هيٺ اچي ويو. محبوب جي حالت ٻه اهائي آهي جو سمورو وجود، محبوب جي انوار حسن سان سيراب ۽ سرشار ٿي ويو آهي، منهنجيون سڀ خواهشون، " محبوب جي رضا " ۾ شامل ٿي ويون آهن هاڻي، منهن جي پنهنجي ڪابه مرضي ۽ خواهش يا تمنا، باقي نه رهي آهي، دورنگي ۽ ٻيائي ختم ٿي، صبغةالله ( الله جو رنگ ) غالب ٿي ويو آهي.

"لا " لاهيندي ڪن ڪي " لا " مورانهين لاهه،
باالله ري پريان ڪٿ نه ڏسجي ڪي ٻيو.

" لا" جي لفظ جي ادائيگي جي ذريعي، ڪهڙي، ڪهڙي شئي جو انڪار ڪندين؟ " لا " منجهان گذري، ان هستيءَ تائين رسائي حاصل ڪريو جنهن جو حسن، ڪائنات جي هر شئي مان جهلڪي پيو. جڏهن ان هستيءَ جي انوار جو نظارو ڪندين ته، محسوس ٿيندو ته، " لا " ته ماڳهين آهي ئي ڪونه، خدا جو قسم ته محبوب ڪان سواءِ " سراپا " رڄ آهي جيئن " صحرا " ۾ اجايل، پاڻيء جي لاءِ دوڙندو آهي ان ڪي، پري ڪان هر جاءِ پاڻيءَ جو چشمو نظر ايندو آهي، پر ويجهو وڃڻ تي خبر پوندي ته اهو ته سراب هو. محبوب جي انوار ڪان سواءِ، فرد و افراد جي، اهائي حالت هوندي آهي.

جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هئس ننڊ ۾
تهان پوءِ ٿيوس، سندي پريان پيچري.

آئون اگهور ننڊ ۾ ستل هوس، محبوب جي صحبت ڪان پري، نفس پرستي ۾ مبتلا هوس، درويش ۽ عاشق صادق اچي مونکي غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ڪيو ۽ درد عشق ڪان واقف ڪيو ان ڪان پوءِ ئي، آئون "معرفت " جي راه تي گامزن ٿيس.





# هندو ڏاها
## اسلام جي شاهراه تي

## سيٺ محمد عمر
## (رام جي لال گپتا)

احمد اواهه : السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته

محمد عمر : مولوي صاحب ! وعليڪم السلام

سوال: سيٺ صاحب، ٻن ٽن مهينن ڪان بابا سائين توهان جو گهڻو ذڪر ڪري رهيو آهي. پنهنجين تقريرن ۾ توهان جون ڳالهيون ڪري ٿو ۽ مسلمانن کي ڏيکاري ٿو ته الله تعاليٰ پنهنجي بندن جي هدايت لاءِ هر شيءِ ڪان ڪم وٺڻ تي قادر آهي.

جواب: مولوي صاحب! حضرت صاحب بلڪل سچ چوي ٿو. منهنجي حياتي خود الله تعاليٰ جي ديا ۽ ڪرم جو کليو مثال آهي، ڪٿي مون جهڙو خدا ۽ خدا جي گهر جو دشمن ۽ ڪٿي منهنجي مالڪ جا مون تي ڪرم. ڪاش، ٿورو اڳي، منهنجي حضرت صاحب سان يا حضرت صاحب جي ڪنهن ماڻهوءَ سان ملاقات ٿئي ها، ته منهنجو دل گهريو پٽ ايمان بنا نه مري ها. ( روئڻ لڳي ٿو ۽ ڪافي دير تائين روئيندو رهيو. روئندي چوڻ لڳو ) مون کي ڏاڍو سمجهائيندو هو ۽ هو پاڻ مسلمانن سان سٺا تعلقات رکندو هو. ايمان بنا مون کي پوڙهپڻ ۾ پنهنجي موت جو غم ڏيئي هليو ويو.

سوال سيٺ صاحب مهرباني ڪري پنهنجو خانداني پريچي (تعارف ) ڪرايو؟

جواب: آئون لکنؤ جي ويجهو هڪڙي ننڍڙي شهر واپاري گهراڻي ۾ پهريون دفعو 69 سال اڳ ۾ هڪڙو پاڙو آهي.منهنجو پتا جي ( والد صاحب ) سيڌي سامان جو ہڏي جو دڪان هلائيندو هو. اسان جي ڇهين پيڙهيءَ کان وٺي هر ماڻهوءَ کي هڪڙو ئي اولاد ٿيندو آيو آهي، آئون بہ پنهنجي پتا جيءَ جو اڪيلو پٽ هوس. نائون ڪلاس پاس ڪري هڪڙي دڪان تي وڃي لڳس. منهنجو نالو رام جي لال گپتا منهنجي پتا جي ئي رکيو هو.

سوال : توهان هينئر فرمايو هو تہ " آئون پهريون دفعو 6 ڊسمبر تي پيدا ٿيو هوس“ ان جو ڇا مطلب آهي ؟

جواب : هائو اڳي بيشڪ آئون 6 ڊسمبر تي پيدا ٿيو هوس،پر هاڻي مسلمان ٿيڻ ڪانپوءِ ٻيو دفعو پيدا ٿيو آهيان، هن سال 22 جنوري تي منهنجو ٻيو جنم ٿيو آهي، سچ پڇو تہ آئون پيدا ئي هينئر ٿيو آهيان.اڳ واري زندگي جيڪڏهن ڳڻجي تہ اها تہ اونداهہ ئي اونداهہ هئي.

سوال : جي ! توهان تعارف ڪرايو پئي ؟

جواب : گهر جو ماحول ڏاڍو ڌارمڪ ( مذهبي ) هو پتا جي ضلع جي بي جي پي ۾ هو ، جيڪا اڳي جن سنگهہ سڏبي هئي، ان جو هو عهديدار هو. ان ڪري اسلام ۽ مسلم دشمني اسان جي گهر جي سڃاڻپ هئي. اها مسلم دشمني جڻ مون کي ستيءَ ۾ پياريل هئي، 1986ع ۾ بابري مسجد جو تالو کولائڻ کان وٺي مسجد جي شهادت جي ڪڏي ڪم تائين آئون هن تحريڪ ۾ اول کان آخر تائين شريڪ رهيس. منهنجي شادي هڪڙي سٺي ۽ سيڪيولر گهراڻي ۾ ٿي، منهنجي گهر واريءَ جو ذهن بہ سيڪيولر هو ۽ هن جي گهر وارن جا مسلمانن سان سٺا واسطا هئا. منهنجي ڄڄ ساهورن ۾ وئي تہ اتي ڪاڏي ۽ شادي وغيره جو سمورو انتظام منهنجي سهري جي هڪڙي دوست خان صاحب ڪيو هو، اتي ڏٺم تہ ڪافي سارا انتظام ڪرڻ وارا ماڻهو ڏاڙهين سان هئا، اها ڳالهہ اسان کي بلڪل ڪانہ وڻي، هڪڙي پيري تہ مون ماني کائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ڇو تہ ان ۾ مسلمانن جو هٿ



لڳو آهي، ان ڪري اسين ڪو نہ کائيندا سين. پر پوءِ پتا جي جي هڪڙي پنڊت دوست، سمجهايو تہ هندو ڌرم ۾ ڪٿي لکيل آهي تہ مسلمانن جو هٿ لڳل کاڌو نہ کائو بهرحال مون ڏاڍي ڪراهيت سان ماني کاڌي تہ متان ڳالهہ وڌي نہ وڃي، 1952ع ۾ منهنجي شادي ٿي هئي، ٽون سالن تائين اسان کي ڪو اولاد ڪونہ ٿيو ٽون سالن ڪانپوءِ مالڪ سائين 1961ع ۾ هڪڙو پٽ ڏنو ان جو نالو مون يوگيش رکيو. هن کي پڙهائڻ لاءِ مون ڪيس سٺي اسڪول ۾ داخل ڪرايو ۽ خيال ڪيم تہ اڳتي هلي، هن کي پارٽي ۽ قوم جي نالي تي ڪوارپٽ ( وقف ) ڪري ڇڏيندس. بهرحال هو وڏو ٿيو ۽ پڙهائي ۾ اڳتي وڌندو ويو . تان جو هن سماج شاستر ۾ پي ايڇ ڊي ڪري ورتي، ذهين هئڻ جي ڪري هو شروع کان ئي ٽاپ تي رهيو. پر هن جو مزاج سندس ماءُ تي ويو هو ان اثر جي ڪري هن جو لاڙو هندوئن جي ڀيٽ ۾ مسلمانن سان وڌيڪ هو فرقي واري مزاج کان هو الرجڪ هو. منهنجو هو تمام گهڻو ادب ڪندو هو ، پر بحث بہ ڪندو هو بہ دفعا هو هفتي ڪن لاءِ منهنجي رام مندر تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ ۽ ان لاءِ رقمون خرچ ڪرڻ تي رسي گهر کان هليو ويو، سندس ماءُ فون تي روئي روئي ڪيس سڏايو.

سوال: پنهنجي مسلمان ٿيڻ جي ڳالهہ ٿورو تفصيل سان ٻڌايو؟

جواب : مسلمانن کي آئون هن ملڪ تي آڪر مڻ ( قبضو ) ڪندڙ سمجهندو هوس، يا وري مون کي سئو بہ سئو سال اڳ رام جنم ڀومي مندر کي ڪيرائي اتي مسجد ناهڻ تي چڙ هئي، تنهنڪري مون بابري مسجد کي ڍاهي، اتي هر حالت ۾ وري مندر ناهڻ لاءِ تن، من، ڌن سڀ ئي لڳائي ڇڏيا، 1987ع کان وٺي 2005 ع تائين رام مندر آندولن ۽ بابري مسجد ڊهڻ وارن سيوڪن، پروشو هندو پريشد کي مون ڪل چندي وغيره جي رقم ملائي اٽڪل 25 لک روپيا پنهنجي ذاتي ڪمائي مان ڏنا هئا، منهنجي گهر واري ۽ يوگيش ان تي ناراض ٿيندا هئا. يوگيش چوندو هو تہ هن ديش ۾ ٽن قسمن جا ماڻهو ٻاهران آيا هئا ۽ حڪومت ڪئي، هڪڙا آريا هئا، جن هن ديش ۾

اڇي ظلم ڪيا، هتي جي رهاڪن کي شودر جو نالو ڏئي، انهن کي پنهنجو داس (غلام) بنايائون ۽ وڏي طاقت وارا ٿيا، پر ديش لاءِ ڪو بہ ڪم ڪو نہ ڪيائون، اٽلو انهن حد درجي تيا چار (ظلم) ڪيا ۽ سوين ماڻهن کي موت جي منهن ۾ ڌڪي ڇڏيو. ٽيان انگريز آيا. انهن بہ هتي جي باشندن کي غلام بنايو. هتان کان سون، چاندي، هيرن جواهرن جو گاڏيون ڀرائي انگلينڊ ڪٽي ويا، ڏاڍو اتيا چار (ظلم) ڪيائون، هزارين ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏيائون ۽ ڦايون ڏئي ڇڏيائون .

ٻئي نمبر تي مسلمان آيا، انهن هن ديش کي پنهنجو ديش سمجهي، هتي لال قلعا،تاج محل وغيره ديش لاءِ فخر ڪرڻ جهڙيون عمارتون اڏارايون، هتي جي ماڻهن کي ڪپڙا پائڻ سيکاريائون، ڳالهائڻ سيکاريائون، هتي روڊ رستا ٺهرايائون، سرائون جوڙارايائون، ٽپال جو نظام قائم ڪيائون، ۽ آبپاشي جو نظام چالو ڪيائون، واهہ ۽ شاخون کوٽارايائون ۽ ديش جون ننڍيون ننڍيون رياستون گڏي وڏو ملڪ بنايائون. هڪ هزار سال الپ سنکيا (اقليت) ۾ رهي ڪري اڪثريت تي حڪومت ڪيائون، پر انهن کي پوري پوري مذهبي آزادي ڏنائون.هو مون کي تاريخ جا حوالي ڏيئي مسلمان بادشاهن جي انصاف جا قصا ٻڌائيندو هو، پر منهنجي ستيءَ ۾ جيڪا اسلام دشمني هئي، سا ڪانہ وئي.

30 نومبر 1990ع واري تحريڪ ۾ مون وڏو حصو ورتو ۽ 6 دسمبر 1992 تي آئون پاڻ ايوڌيا ويس ۽ منهنجي هٺ هيٺ هڪڙي پوري ٽيم هئي، بابري مسجد شهيد ٿي تہ گهر اچي مون وڏي دعوت ڪئي. منهنجو پٽ يوگيش ڪاوڙ جي گهران هليو ويو. مون وڏي ڌام ڌوم سان فتح جو جشن ملهايو، رام مندر ٺهرائڻ لاءِ مون دل کولي چندو ڏنو، پر دل ۾ هڪڙو عجيب ڊپ ويهي رهيو ۽ اهڙا خيال ايندا هئا تہ اجهو آسمان مان ڪا مصيبت اسان تي ڪرڻ واري آهي. 6 ڊسمبر 1993ع تي صبح سويري منهنجي دڪان ۽ گودام ۾ جيڪي ٿورو پري هئا، بجلي شارٽ ٿيڻ جي ڪري باهہ لڳي وئي، ۽



اٽڪل ڏهن لکن کان مٿي جو سامان سڙي ويو. ان ڪانپوءِ تہ آئون دل ۾ وڌيڪ هيسجي ويس. هر سال 6 ڊسمبر تي اسان جو سڄو ڪٽنب ڊپ ۾ ڪومائجي ويندو هوندو هو ۽ ان ڏينهن تي واقعي ڪانہ ڪا ڳالهہ ٿي پوندي هئي. 6 ڊسمبر 2005ع تي يوگيش ڪنهن ڪم سان لکنؤ ويو تہ سندس گاڏيءَ جو هڪڙي ٽرڪ سان ٽڪر ٿي پيو ۽ منهنجو پٽ ڊرائيور سوڌو ٿڏي تي ئي مري ويو، سندس نون سالن جو ننڍو پٽ ۽ هڪڙي ڇهن سالن جي ڌيءَ آهي. اهو حادثو منهنجي لاءِ ناقابل برداشت ثابت ٿيو ۽ منهنجو دماغي توازن خراب ٿي ويو. ڪاروبار ڇڏائجي ويو، در بدر هيڏانهن هوڏانهن پيو رلندو هوس. منهنجي زال مون کي مولانا لوڪن وٽ ڏيکارڻ لاءِ وٺي وئي. هر دوئيءَ ۾ هڪڙي وڏي حضرت صاحب جي مدرسي ۾ وٺي وئي، اتي بهار جو هڪڙو قاري صاحب هو جنهن مون تي شوڪارا ڦيٽا ڪيا، ان سان مون کي ٿورو هوش آيو. پر منهنجي دل ۾ هڪڙي ڳالهہ ويهي رهي هئي تہ آئون غلط رستي تي آهيان. مون کي اسلام کي پڙهڻ گهرجي. اسلام بابت پڙهڻ شروع ڪيم.

سوال : اسلام جي باري ۾ توهان ڇا پڙهيو؟

جواب : مون سڀ کان اڳ حضرت محمد ﷺ جي سيرت تي هڪڙو ننڍڙو ڪتاب پڙهيو، ان ڪانپوءِ " اسلام ڇا آهي"؟

" اسلام ايڪ پريچي" مولانا علي ميان جو لکيل هو. اهو پڙهيم. 5ڊسمبر2006ع تي مون کي حضرت صاحب جو ننڍڙو ڪتاب " توهان جي امانت " هڪڙي ڇوڪري آڻي ڏنو ٻئي ڏينهن 6 ڊسمبر جو ڏينهن هو، اندر ۾ ڊپ هو تہ سڀاڻي خبر ناهي تہ ڪهڙو حادثو ٿيندو، ان ڪتاب منهنجي دل ۾ اها ڳالهہ وجهي ڇڏي تہ مسلمان ٿيڻ سان انهي خطري مان جان ڇٽي سگهي ٿي ۽ آئون 5 ڊسمبر جي شام جو پنجن ڇهن ماڻهن وٽ ويس تہ مون کي مسلمان ڪريو پر هو ڊڄڻ لڳا، ڪو بہ ماڻهو مون کي مسلمان ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيو.

سوال : ڇا توهين 6 ڊسمبر 2006 ع تي مسلمان ٿي ويا هئا؟ توهان هينئر فرمايو پئي تہ توهين ٻہ ٽي مهينا اڳي 22 جنوري 2009ع تي مسلمان ٿيا هئا.

جواب : مون 5 ڊسمبر 2009ع تي مسلمان ٿيڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو هو پر 22 جنوري 2009 تائين مون کي ڪو بہ مسلمان ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ ٿيو.

حضرت صاحب کي هڪڙي ڇوڪري، جيڪو اسان وٽان ڦلت وڃي مسلمان ٿيو هو، تنهن کين ٻڌايو تہ هڪڙو لالا جي جنهن بابري مسجد شهيد ڪرڻ ۾ وڏو بهرو ورتو هو ۽ ڏاڍو پيئسو خرچ ڪيو هئائين، سو هاڻي مسلمان ٿيڻ چاهي ٿو، اتي حضرت صاحب هڪڙي، ماستر صاحب کي (جيڪو پاڻ بہ بابري مسجد شهيد ڪرڻ وارن ۾ شامل هو ۽ سڀ کان اڳ ڪوڙر جا ڏڪ هڻڻ وارو هو) مون ڏانهن موڪليو. ڏس پتو صحيح نہ هئڻ ڪري، هو ٽي ڏينهن ڏڪا کائيندو رهيو تن ڏينهن ڪانپوءِ هو مون سان مليو ۽ هن مون کي ڪلمو پڙهايو ۽ حضرت صاحب جا سلام بہ پهچايائين.

ان ڏينهن صبح کان وٺي شام تائين هو حضرت صاحب سان فون تي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو . پر حضرت صاحب مهاراشٽرجي سفر تي هئا، ان ڪري ڳالهہ ڪانہ ٿي. شام جو ڪنهن ساٿي جي فون تي وڏي مشڪل سان ڳالهہ ٿي. ماستر صاحب، کين ٻڌايو تہ سيٺ صاحب سان ملاقات ٿي آهي ۽ الحمدلله هن ڪلمو پڙهيو آهي، توهين بہ ڪيس پڙهايو.حضرت صاحب مون کي فون تي ٻيو دفعو ڪلمو پڙهايو ۽ هنديءَ ۾ مون کان عهد جا لفظ بہ چوارايائين.

مون جڏهن حضرت کي عرض ڪيو تہ حضرت جي! مون ظالم پنهنجي مالڪ جي گهر کي ڍاهڻ ۾ ان جي جاءِ تي شرڪ جو گهر اڏائڻ لاءِ 25 لک روپيا خرچ ڪيا آهن، هاڻي ان گناهہ کان معافي لاءِ ارادو ڪيو اٿم تہ 25 لک روپيا خرچ ڪري الله جو گهر مسجد اڏارائيندس ۽ مدرسو بہ



ٺهرائيندس، توهين دعا فرمايو جڏهن هن رحيم ڪريم مالڪ، پنهنجي گهر کي ڪيرائڻ ۾ شهيد ڪرڻ واري کي منهنجي هدايت جو ذريعو بنايو آهي، تہ اهو مالڪ منهنجو نالو بہ پنهنجي گهر کي ڍاهيندڙن جي فهرست مان ڪڍي، پنهنجي گهر اڏائيندڙن جي فهرست ۾ لکندو. اهو ٻڌي حضرت صاحب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مون کي مبارڪون ڏنائون. ۽ دعائون بہ ڪيائون ۽ منهنجو نالو محمد عمر رکيائون. منهنجي مالڪ جو مون تي ڪيڏو نہ احسان ٿيو مولوي صاحب!جيڪڏهن منهنجو وار وار منهنجي جان، منهنجو مال ملڪيت سڀ مالڪ جي نالي تي قربان ٿي وڃن تہ بہ ان جو شڪرانو ادا ٿي ڪونہ سگهندو، منهنجي مالڪ مون سان وڏا وڙ ڪري، منهنجي ايڏي وڏي ظلم ۽ پاپ کي منهنجي هدايت جو ذريعو بنائي ڇڏيو.

سوال : اسلام بابت وڌيڪ پڙهڻ لاءِ توهان ڇا ڪيو؟

جواب : مون الحمدالله گهر تي ٽيوشن جو بندوبست ڪيو آهي. هڪڙو وڏو نيڪ مولانا صاحب مون کي مليو آهي، هو مون کي قرآن بہ پڙهائي ٿو ۽ سمجهائي بہ ٿو.

سوال : توهان جي گهر واريءَ ۽ پوٽي جو ڇا ٿيو.

جواب : مالڪ سائينءَ جا ڪروڙين ڪرم آهن. منهنجي گهر واري، يوگيش جي گهرواري ۽ ٻئي ٻار مسلمان ٿي ويا آهن، اسين سڀ گڏ پڙهندا آهيون.

سوال : توهان هتي دهلي ۾ ڪهڙي ڪم سان آيا هئا ؟

جواب : ڪم ڪو بہ ڪونہ هو، فقط مولانا صاحب سڏايو هو. ماڻهو مون کي وٺڻ لاءِ آيو هو. حضرت صاحب سان ملڻ جو مون کي شوق تہ اڳي ئي هو، ڪيترا دفعا فون ڪيم تہ خبر پئي تہ سفر تي ويل آهن. الله سائين ملاقات ڪرائي، ملي دل کي ڏاڍي تسلي ٿي آهي.

سوال : بابا سائين سان ٻيون ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون. ؟

جواب : حضرت صاحب توجہ ڏياري تہ توهان جا توهان جهڙا ڪيترائي پيا ويجها مائٽ آهن. جيڪي بابري مسجد جي شهادت ۾ ڪنهن غلط فهميءَ جي ڪري شامل هئا. توهان کي گهرجي تہ انهن تي ڪم ڪريو ۽ انهن تائين سچائيءَ کي پهچائڻ جو ارادو ڪريو مون پنهنجي ذهن ۾ اهڙن ماڻهن جي فهرست ناهي آهي. صحت اهڙي ڪانهي جو ڊوڙڊڪ ڪري سگهان. پر جيتري بہ وسيعت آهي سا الله ۽سندس رسول الله صلي الله عليہ وسلم جو ڪلمو خدا جي بندن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

سوال : عام مسلمانن لاءِ ڪو پيغام ڏيندا؟

جواب : مون کي يوگيش جو غم هر وقت ستائيندو رهي ٿو مرڻو تہ هر ماڻهو کي آهي. مولوي صاحب ! موت تہ پنهنجي وقت تي اچي ٿو ۽ ان لاءِ بهانو بہ اڳي ئي طئي ٿيل هوندو آهي. پر ايمان بنا منهنجو اهڙو پيارو ٻچو. جيڪو مون جهڙي ظالم ۽ اسلام دشمن. بلڪ خدا دشمن جي گهر جائو مسلمانن جو پاسو بہ وٺندو هو اسلام ڪانسواءِ مري ويو. اهو احساس منهنجي دل جو اهڙو زخم آهي. جيڪو مون کي اندران پيو کائي. اهڙا خبر ناهي تہ ڪيترا جوان ۽ پوڙها آهن جيڪي بنا ايمان موت جي منهن ۾ پيا وڃن. خدارا انهن لاءِ ڪجهہ سوچيو.

سوال : سيٺ صاحب. توهان جي وڏي مهرباني. اسلام جي واٽ وٺڻ تي توهان کي لکين. مبارڪون هجن. يوگيش جهڙن سيني نيڪ طبيعت ماڻهن لاءِ بابا سائين. فرمائي ٿو تہ اهي اسلامي فطرت تي هئا. ان جي ڪري فرشتا انهن کي ڪلمو پڙهائي ڇڏيندا آهن. توهين الله جي رحمت ۾ اميد رکو تہ يوگيش مسلمان ٿي گذاري ويو آهي.

جواب : الله تعاليٰ توهان جي زبان مبارڪ ڪري. الله ڪري ائين ئي ٿيو هجي ۽ منهنجو گلن جهڙو پٽ من مون کي جنت ۾ ملي وڃي.

سوال: آمين ثم آمين. انشاء الله ضرور ملندو. السلام عليڪم

جواب : وعليڪم السلام ورحمة الله وبرڪاتہ .



آمنہ حامد

# عالمي سرمايہ دارانہ نظام

## سنهري گابي جي پوڄا

آمريڪا ۾ سرمايہ داري نظام جو مرڪز يعني نيويارڪ جو " وال ستريٽ " هڪ. تمام وڏي سنهري گابي سان سينگاريل آهي. اهو سنهري گابو دنيا تي قابض موجوده سرمايہ دارانہ نظام جي علامت آهي جيڪو هن جي هيڊ ڪوارٽر. يعني " وال استريٽ " تي نصب آهي.

ڪجهہ ڏينهن پهرين. سعودي عرب مان آيل ڪجهہ دوستن سان مون کي هن گابي جي ذاتي مجسمي کي ڏسڻ جو موقعو مليو منهنجي حيرت جي حد نہ رهي جڏهن مون ڏٺو تہ "سرمايہ دارانہ نظام جي علامت " هي " وڇڙو" نہ رڳو ماڻهن جي عقيدت جو مرڪز بڻيل آهي. بلڪ ماڻهو خصوصا تعليم يافتہ عورتون. پنهن جو " ڀاڱ . وبخت " بلند ڪرڻ لاءِ. هن گابي جي عضون تي هٿ ڦيرائيندي. تصويرون ڪڍرائي رهيو هيون. هن عمل ۾. هر عورت ۽ مرد کي. بنان فرق جي. هڪ ٻئي کان اڳيان وڌڻ جي ڪوشش ڪندي ڏسي مان. حيرت جي سمنڊ ۾ ٽٻيون کائڻ لڳس. نيٺ هن بيهودگيءَ تي حيرت جو اظهار ڪندي هڪڙيءَ عورت کان پڇي ويٺس تہ. اهو ڇا قصو آهي؟ تنهن تي هو چوڻ لڳي تہ. " اهو عمل. اسان جي خوش قسمتي آهي. جو اسان کي. هن " وڇڙي " کي ڇهڻ جو موقعو ملي رهيو آهي " مون چيس تہ محترمہ ! هن کي ڇهڻ تہ ٺهيو پر. اها جيڪا بيهودگي ٿي رهي آهي. ان جو ڇا ڪارڻ آهي؟ تہ ان تي هوءَ کلي ۽ اڳيان وڌي وئي.

هن. سنهري گابي ۽ "پاڻ کي. پڙهيل. ڳڙهيل ۽ ترقي يافتہ" سڏائيندڙ فردن جي هن سلوڪ جو پس منظر جاڻڻ جي ڪوشش ڪيم ۽ تاريخ جا ورق ورايم تہ. خبر پئي تہ. هي تہ اهو ئي " سنهري وڇڙو " آهي جنهن کي. سوين

سال پهرين بني اسرائيل قوم، ان وقت پنهنجو معبود ٻڻايو هو.جڏهن حضرت موسيٰ عليہ السلام، الله تعاليٰ جي مدد سان، هن قوم کي ”فرعون“ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ ڪانپوءِ هنن کي، الله جي بندگيءَ تي ثابت قدم رهڻ جي تاڪيد ڪري، پنهن جي ” ربّ “ سان هم ڪلام ٿيڻ لاءِ ” ڪوهہ طور “ تي تشريف فرما ٿيا.

تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي تہ ”فرعون“ جي بدترين ظلمن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ وارن هنن اسرائيلين، ٿوري ئي عرصي ڪانپوءِ، الله تعاليٰ جي پيغمبر جي حڪمن کي مڃڻ کان نابري واري ويٺا. اهي، عياشي، جنسي بي راه روي، شراب نوشي ۽ دولت جي افراط، تڪبر ۽ غرور، جهڙن عملن کان پاسو ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا.

تاريخ ۾ آهي تہ اهڙن ماڻهن جي تعداد تقريبا. چاليهہ هزار کن هئي، جن مان چند هزار تہ قتل ٿيا. جيڪي باقي بچيا،انهن تي الله جي طرفان عذاب نازل ٿيو هو. ان جي باوجود انهن مان ڪجهہ ماڻهو بچي ويا هئا جيڪي، سنهري گابي جي ” پوجا “ کان اڄ ڏينهن تائين نہ بچي سگهيا آهن. اڄ بہ هن عقيدي جا ماڻهو عياشي، جنسي بي راه روي ۽ دولت جي ارتڪاز کي پنهنجو ايمان ٻڻائي،سڄي دنيا ۾ انکي،پکيڙڻ جي جدوجهد ۾ مصروف آهن. اسان ڏسون ٿا تہ جديديت جي نالي تي اڄڻ واري هر سوچ ۾ ذهني عياشيءَ جو سامان موجود هجي ٿو. انهن عناصر جون پاڙون انهيءَ عياشيءَ واري سوچ مان ڦٽي نڪرن ٿيون. اڄ بہ هي ماڻهو اهو چوندي نظر ايندا آهن تہ ”حياتي مختصر آهي، ان کي، عيش و عشرت ۾ بسر ڪريو نہ تہ ٻيهر موقعو نہ ملندو“ سندن عقيدي ۾، هن حياتيءَ ڪانپوءِ ڪنهن ٻي حياتيءَ جو تصور نہ آهي.



انهن عناصر، اڄ نہ رڳو سموري دنيا جي ميڊيا تي قبضو ڪري ورتو آهي، بلڪ دولت جي مڙني ذريعن تي پڻ، سندن قبضو آهي.

مون کي تہ ايئن ٿو لڳي تہ دولت جي ارتڪاز جو مقصد ئي، عياشيءَ جو هڪ منظم نظام تشڪيل ڏيڻ آهي ۽ اهو ” نظام “ اڄ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، انسان جي هر عمل کي پنهنجي فولادي ڄار ۾ وڪوڙي چڪو آهي ( صحيح ۽ غلط جي سوچ ختم ٿي وئي آهي، ذهن مفلوج ٿي ويا آهن، پنهنجو شان شوڪت بلند ڪرڻ لاءِ هر طرف. مقابلي جي فضا طاري ٿي وئي آهي )

هن نظام جو هرگز اهو مطلب ناهي تہ قدرتي وسائل کي، انسانن ۾، برابريءَ سان ورهايو وڃي، هن نظام جو اهو نتيجو آهي تہ امير، امير ترين ۽، غريب، غريب ترين ٿيندو ٿو وڃي.

اهڙي طرح انسان، الله جي غلاميءَ مان نڪري، انسانن جي غلاميءَ ۾ داخل ٿيڻ تي مجبور آهي، پر، جن ماڻهن کي ان ڳالهہ جو ادراڪ آهي اهي، اٽي ڪڙا ٿيندا. گذريل ڪجهہ ڏينهن اڳ جي ڳالهہ آهي تہ دانشورن جي هڪ تمام وڏي جماعت ”وال اسٽريٽ“ جي هن ”سرمايہ دارانہ نظام“ جي خلاف احتجاج ڪيو ۽، ”وال اسٽريٽ“ تي قبضو ڪري، انسانن کي، انسانن جي غلاميءَ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي.

# سيڪيولرزم يعني ڇڙواڳي

## جي عالمي تحريڪ ۽ ان جا اثرات

شاهه ولي الله محدث دهلوي برصغير ۾ احياء اسلام جي جنهن تحريڪ جو بنياد رکيو هو تنهن اڳتي هلي 1801ع ڌاري برصغير کي دارالحرب قرار ڏنو. ان کان پوءِ هتي جي مسلمانن پنهنجي دين ۽ ايمان جي حفاظت لاءِ جنهن جدوجهد جو آغاز ڪيو ان کي تاريخ ۾ پاڪستان جي تحريڪ کان پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ تائين جو سفر سڏيو وڃي ٿو.

هن ننڍي کنڊ جي مسلمانن پاڪستان پنهنجي دين، ايمان، تهذيب ۽ تمدن جي حفاظت ڪرڻ واسطي حاصل ڪيو هو. پر بد قسمتي سان پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي اڄ تائين پاڪستان جي تاريخ جو داستان ان نظرياتي ۽ فڪري ڇڪتاڻ مان ئي گذري رهيو آهي، جيڪا پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پهرين ئي شروع ٿي چڪي هئي. هن جو ڪارڻ هيءَ آهي ته مغربي تهذيب جي اثر هيٺ آيل انگريزن تي ڳڻڻ جيتري ٽولي پاڪستان جي اهم حڪومتي ۽ انتظامي عهدن تي قبضو ڪري ورتو هو جنهن پاڪستان جي نظريي ۽ عوامي امنگن جي ابتڙ ان جي فڪري ڌاري کي مغربي فڪر ۽ فلسفي يعني لبرل ازم ۽ سيڪيولرازم سان جوڙڻ ۽ ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪو سلسلو اڄان تائين هلندڙ آهي. اهم ڳالهه هيءَ آهي ته اهو اقليتي ٽولو جيتوڻيڪ جمهوريت جو دم ڀريندڙ آهي، پر ستهٺ سالن گذرڻ باوجود پاڪستان جي نظريي ۽ عوامي امنگن جي ترجماني ڪرڻ بدران ان جي ابتڙ واٽ تي پاڪستان کي هلائي رهيو آهي.

هن اقليتي لبرل ٽولي کي شايد هيءَ ڳالهه معلوم ناهي، ته زور زبردستي ۽ جبر سان لبرل ازم کي مسلمان معاشري ۾ نافذ ڪرڻ جا ڪهڙا



نتيجا نڪرندا آهن. ويجهي تاريخ ۾ اسلامي دنيا ۾ مصر، ترڪي ۽ ايران جا اهڙا مثال اسان جي سامهون آهن. مصر جي مسلمان معاشري ۾ لبرل ازم کي جبري طرح سان نافذ ڪرڻ جو ڪوششون ٻن صدين کان وٺي جاري آهن. هزارين لکين ماڻهوهن سلسلي ۾ جبر ۽ تشدد جو نشانو بڻيا آهن، پر اڄان تائين مصر ۾ لبرل ازم ڪامياب نه ويو آهي. ان جي خلاف سخت مزاحمت هلندڙ آهي. ترڪي ۾ يورپي طاقتن جي پٺڀرائي سان ڪمال اتاترڪ طاقت جو استعمال ڪندي لبرل ازم نافذ ته ڪيو، پر هڪ صدي گذرڻ باوجود ترڪي جي مسلمانن ۾ اهو قبوليت ماڻي نه سگهيو آهي. ايران ۾ شيعا مسلمان نيٺ ليبرل ازم ۽ سيڪيولرازم کي شڪست ڏيئي ديس بدر ڪيو. پاڪستاني معاشري جي دين سان لڳاء جي ڪري لبرل طبقي سمجهي ورتو آهي، ته هتي سنئون سڌو لبرل ازم ۽ سيڪيولرازم ڪڏهن به ڪاميابي نه ماڻيندو. انڪري اسان جي ڀهروپين ليبرن نهايت چالاڪي ۽ ڊپلوميسي سان پاڪستان جي سياسي، معاشي ۽ معاشرتي زندگي کي لبرل ازم جي سانچي ۾ مٺائڻ جون ڪوششون جاري رکيون آهن. پر هڪڙي خاص حڪمران ۽ اعليٰ عهدن تي فائز طبقي کان سواءِ ويهه ڪروڙ عوام ڪڏهن به قبول نه ڪيو آهي. اهڙي صورتحال کي سامهون رکندي، لبرل طبقي سمجهي ورتو آهي ته دين اسلام کي سڌو سنئون نشانو بنائڻ بدران ور وڪڙ ۽ ڊپلو ميسي سان اجتماعي ادارن مان بي دخل ڪري، فرد جي ذات تائين محدود ڪجي ۽ ان کي عيسائيت جهڙو بي اثر مذهب ثابت ڪجي، جنهن جو ڪو به سياسي معاشي ۽ معاشرتي ڪردار نه هجي.

اڄ مغربي تهذيب پنهنجي مادي حقيقت جي اعتبار سان ڪاغذي گل وانگر آهي، جيڪو پنهنجي دل ڪش رنگا رنگي جي باوجود اصليت ۽ خوشبو کان محروم هوندو آهي. هن تهذيب جيڪي انسانيت سان قهر آهن، انهن مان سيني کان وڏو ظلم انساني روح کي نظر انداز ڪرڻ آهي. انڪري هن تهذيب جا آزادي، انساني حقن ۽ سماجي انصاف وارا نعرا کوکلا ۽

بي معنيٰ ٿي ويا آهن. بلڪ انهن نالن تي هن تهذيب جي سرواڻن ۽ سڏارڪن جيڪي ويل وهايا آهن، اهي هاڻ ڪنهن کان بہ لڪيل ڇپيل ناهن، انهن جي انسان دشمن ڪارنامن پهرين ۽ ٻي عالمي جنگن ۾ هزارين معصوم انسانن کي بم بارود ۽ گولين جو کاڄ بنايو، انهن صنعتي ترقي جي نالي تي هزارين لکين ماڻهن کي غلامي، غربت ۽ بدحالي واري زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيو. هن کان وڌو ظلم ڪهڙو ٿي سگهي ٿو تہ هن تهذيب جي مهندارن جديد دور جي ايجادن مان سڄ سماء جي ذريعن، انٽرنيٽ، ٽي وي، ريڊيو، فلمون، اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب وغيره جي ذريعي نئين نسل کي سيڪيولر سوسائٽي جي سانچي ۾ پلٽائڻ لاءِ پروپيگنڊا ڪئي ۽ نوجوان نسل کي قتل، زنا ڪاري، وحشياڻي ڪردار، وهم پرستي ۽ فضول خرچي جي عام تعليم ۽ تربيت ڏني.

اهڙي طرح اڄ ڏٺو وڃي تہ لبرل ۽ سيڪيولر تهذيب، انسانيت، اخلاق، مذهب ۽ روحانيت جون ڌڄيون اڏايون. انساني تاريخ کي هڪ ڀيرو ٻيهر پٿر جي دور ۾ پهچايو، جڏهن انسان جو بدن ڪپڙن کان آجو يا گهٽ ڍڪيل هوندو هو انسان حيوان جي سطح جي زندگي گذاريندو هو. هن جي نتيجي ۾ اڄوڪو نوجوان نسل حيا شرم، تهذيب ۽ انسانيت جو احساس وڃائي، بي راه روي اختيار ڪري، اڳتي وڌڻ بدران پوئتي وڃڻ جو ثبوت ڏيئي رهيو آهي. اهڙن روين سان نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اعليٰ اخلاق جو نہ پر جسم جو مظاهرو ڪندي نظر اچن ٿا. هن کان وڏيڪ افسوس جي ڳالهہ ڪهڙي هوندي، تہ والدين جو چيو نہ وڃڻ، وڏن ۽ بزرگن کي رجعت پسند ۽ قدامت پسند چئي رد ڪري ڇڏڻ ۽ بي راهہ روي، بي هودگي ۽ فضول خرچي جي واٽ وٺڻ کي اڄوڪو نوجوان نسل آزادي، ترقي ۽ روشن خيالي ڪوٺي ٿو. اهڙين حالتن ۾ عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي انهن قومن جو حشرسامهون رکڻو پوندو، جيڪي گذريل صدي ۾ لبرل هيومنزم (انسان



دوستي جو نظريو ) جي نالي ۾ انساني حقن، عورتن جي آزادي، ٻارن جا حق، حمل ڪيرائڻ ۽ هم جنس پرستي وغيره جهڙا نوان رواج پنهنجن سماجن ۾ عام ڪيا، جنهن کي جديد سائنسي دور سان هم آهنگي، روشن خيالي ۽ سماجي ترقي جو نالو پڻ ڏنو، پر ڏٺو وڃي تہ حقيقت ۾ اهڙيون سڀ ڪوششون ۽ تبديليون آزادي جي انتها پسندي ۽ پٿر جي دور ڏانهن موٽ برابر آهن. جنهن جي نتيجي ۾ اڄ اسين ڏسون ٿا تہ پاڻ کي روشن خيال ۽ لبرل سڏائڻ واريون سڀ قومون خطرناڪ سماجي مسئلن جي ورچڙهي پيون آهن. ايستائين جو هاڻ انهن لاءِ سندن عوامي حلقن جي روين کي تبديل ڪرڻ ئي مشڪل ٿي پيو آهي. اڄڪلهہ سيڪيولر رياستن جا تعليمي ۽ سماجي ادارا پريشان آهن تہ سندن نوجوان نسل کي هن نفسياتي ۽ روحاني خطرناڪ بحران مان ٻاهر ڪيئن ڪڍجي.؟ اهڙي صورتحال کي سامهون رکندي، مغربي تهذيب جي مسئلن جا ڪجهہ مثال ڏيئي سگهجن ٿا.

(1) اڄڪلهہ يورپ ۽ آمريڪا جي معاشري ۾ نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون شادي جي ٻنڌڻن کان آزاد رهڻ پسند ڪن ٿا.

جيڪڏهن ڪجهہ نوجوان نسل جون شاديون ٿين ٿيون تہ جلد ئي طلاق ٿيو وڃي. انڪري طلاق عام جام ٿي ويئي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ سندن ٻارن جو وڏو انگ جواني تائين پهچڻ کان پهرين ئي بي راهہ روي جو شڪار بڻجيو پوي، اڪثر نوجوان نسل تہ ٻار پيدا ڪرڻ ۽ انهن کي پالڻ جي خفي کان آزاد رهڻ پسند ڪن ٿا، انڪري سندن شهرن جي گهٽي گهٽي ۾ حمل ڪيرائڻ جون اسپتالون ۽ خانداني منصوبا بندي جون سهولتون مهيا آهن.

(2) جنسي آزادي ۽ ٻارن جي پالڻ جي ذميداري کان لنوائڻ جي نتيجي ۾ يورپ جي اصل آبادي ڏينهن وڏينهن گهٽ ٿيندي وڃي ٿي،

انڪري ٻاهرين قومن جا ماڻهو هتي وڏي تعداد ۾ آباد ٿي رهيا آهن. جيڪا خطري جي گهنٽي هاڻ هوپاڻ بہ وڄائي رهيا آهن.

(3) ٻارن جي حقن جي نالي تي غير ضروري قانونن جي ڀرمار جي ڪري يوٿ سوشل ڪنٽيڪٽس نوجوانن جا سماجي رابطا بلڪل ختم ٿي رهيا آهن ان ڪري نوجوان نسل بلوغت کان پهرين ئي ٻي راهہ روي ۽ جنسي بيمارين ۾ وڪوڙجيو وڃي ٿي.

(4) لذت پرستي جي نتيجي ۾ اڄڪلهہ يورپ جي نوجوان نسل ۾ جنس مٽائڻ جو لاڙو پڻ وڌي رهيو آهي.

(5) ٻارن جو وڏو انگ شادي ڪانسواءِ پيدا ٿئي ٿو جيڪو غير فطري پرورش جي ڪري ڪيترن ئي نفسياتي مسئلن جو شڪار ٿيو وڃي، صدين جي تهذيبي تجربي مان جڙيل خانداني نظام ختم ٿي رهيو آهي، ڪيترائي سماجي مسئلا ڪر کڻي رهيا آهن، جيئين هڪڙي رپورٽ موجب ڦٽ پاٿن تي رهندڙ ٻارڙن جو تعداد ڏينهن و ڏينهن وڌي رهيو آهي. مغربي تهذيب ۽ لبرل ازم جي اهڙي انتها پسندانٽي آزادي ۽ خانداني زندگي جي خاتمي جو اثر ٿائيليند ۽ انڊيا جهڙن ملڪن تي تيزي سان پئجي رهيو آهي ۽ عالمي ميڊيا ذريعي سڄي دنيا ۾ پکڙجي رهيو آهي.

ٻئي پاسي مسلمان ملڪن ۾ عوامي طبقو پيغمبر اسلام عليہ الصلوات وسلم جي آندل اسلامي نظام ۽ ان مطابق عدل انصاف لاءِ ترسي رهيو آهي.

ڪنزا لاعمال ۾ هڪڙي حديث پاڪ روايت ٿيل آهي. تہ الاسلام والسلطان اخوان توامان_ الخ _ "يعني اسلام ۽ رياست ٻئي جاڙا ڀائر آهن. بس پوءِ اسلام جو مثال هڪڙي عمارت وانگر آهي ۽ حڪومت جڻ تہ ان جي نگهبان آهي. جنهن عمارت جو بنياد نہ هوندو اها جلد ئي ڪري پوندي آهي، ۽ جنهن جو نگهبان نہ هجي تہ اها جلد ئي لٽجي ويندي آهي."



مراڪش کان وٺي جڪارتا تائين پکڙيل مسلمان دنيا ۾ پاڪستان جي سڃاڻپ ۽ انفراديت ڪنهن معاشي ۽ ثقافتي حوالي ڪانسواءِ صرف اسلامي نظريو آهي. هن ڪري ۽ ٺوس نظريي باوجود اسان جا حڪمران ۽ انتظامي ادارا توڙي معاشي ۽ ثقافتي ادارا جديديت ۽ لبرل ازم جا ترجمان آهن. جيڪي اسانجي سياسي، معاشي ۽ سماجي زندگي کي لبرل ازم جي سانچي ۾ پلٽائڻ جون ڪوششون اڄ ڏينهن تائين جاري رکيو اچن. انڪري مملڪت خدا داد پاڪستان جي نظرياتي سڃاڻپ وڏي حد تائين ڏنڌلي ۽ اڻ چٽي ٿي پئي آهي.

هن ڳالهہ ۾ ڪهڙو شڪ آهي تہ پاڪستان جي تحريڪ ۾ جيڪڏهن اسلام کي بنياد نہ بنايو وڃي ها تہ پاڪستان ڪڏهن بہ قائم نہ سگهي ها. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ جي ڏينهن کان ئي، ان جي نظرياتي ۽ فڪري بنيادن کي کوٽڻ، اکيڙڻ ۽ ٻاهر ڪڍي ڦٽي ڪرڻ جون ڪوششون شروع ٿي چڪيون هيون. پاڪستان جي اسلام سان ناتي جي حوالي سان سوال اٿارڻ وارا جيتوڻيڪ اهو تہ نہ چئي سگهيا تہ اسلام ۽ " پاڪستان جو مطلب ڇا، لا الہ الا الله " جو نعرو ڪوڙو نعرو ۽ محض سياسي مصلحت تحت بنياد بنايو ويو هو. تنهن هوندي بہ اقتدار تي قبضو ڄمائيندي شرط ان اقليتي لبرل طبقي پاڪستان کي اسلامي رياست جي منزل کان دور رکڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي. انڪري پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي اڄ تائين هن ۾ اسلام ۽ سيڪيولر ازم جي ڇڪتاڻ موجود آهي.

محمد موسيٰ ڀٽو
عنايت الله

پهرين قسط

# نفس ۽ ماديت خلاف جنگ ۾

## ذڪر جو ڪردار

ذڪر هڪ توانائي آهي، جا فرد کي نفس ۽ ماديت جي هر طوفاني لهر وقت سنڀالي وٺي ٿي . اهڙي طرح ذڪر حُسن آهي، اهو سڄو سارو حُسن آهي، جنهن جي هوندي مادي حُسن جي طلب باقي نٿي رهي، جيڪي توانايون هُوندي مادي حسن جي تسڪين لاءِ خرچ ٿينديون آهن، سي پوءِ محبوب جي انوارِ حُسن جي حصول ۾ ڪم اچن ٿيون.ايئن انسان، ڪائنات جي سڀ کان حسين مخلوق جي حيثيت سان پنهنجن فرضن پوري ڪرڻ ۾ لڳي وڃي ٿو.

ذڪر جو جاري رهڻ، ذڪر واري کي دنيا ۽ ساري ڪائنات کان بي نياز ڪري، معنوي ۽ حقيقي حسن سان سرشار ڪري ڇڏي ٿو. ذڪر هر ماڻهوءَ جي شخصيت، دل، روح ۽ انساني نفسيات جي اهڙي لازمي ضرورت آهي، جنهن بنا سُڪون، سڪينت، دلجاءِ ۽ حقيقي مُسرت جو حاصل ٿيڻ ممڪن ڪونهي. ذڪر جو نور، انساني خيالن کي ڀٽڪڻ کان بچائي ٿو ، مُونجهڪارن، بي يقيني، بيگانگيءَ جي احساسن کي هٽائي ڪري، فرد ۾ پنهنجي ذات تي اعتماد بلڪ خود اعتمادي پيدا ڪري، پاڻ کي وڏو خوش قسمت سمجهڻ وارو بڻائي ٿو.

گهڻو ذڪرماڻهوءَ کي خوشين سان ائين ٽمٽار ڪري ڇڏي ٿو. جو هو انهن خوشين کي ٻين ۾ ورهائڻ ۽ محروم ماڻهن کي ان دولت سان نوازڻ ۽ سندن نفسيات کي پاڪيزه بنائڻ وارو ٿي وڃي ٿو.



ڪثرت ذڪر جو نُور فرد کي ايمان، علم، يقين ، حڪمت، فراست ۽ خود اعتماديءَ جي ان مقام تي پهچائي ڇڏي ٿو، جتي ان لاءِ قرآن وسنت جي پيغام کي سمجهڻ ۽ ان جي راهه جي رڪاوٽن دور ٿيڻ ۽ عمل صالح جون راهون آسان ٿيڻ جون صورتون پيدا ٿي وڃن ٿيون.

### ذڪرسان انساني شخصيت جي هولناڪ خال جو پُرجڻ

ذڪر ، انساني شخصيت جي ان هولناڪ خال کي پُرڻ جو واحد ذريعو آهي، جنهن خال جي ڪري ماڻهو شان شوڪت سان زندگي گذارڻ، ماڻهن جي وچ ۾ امتيازي شان سان رهي ٿو، يا ان جي آرزو ۽ تمنا ۾ رهي ٿو.

### ذڪر، اندر جي مانگر مڇن کي مارڻ جو هٿيار

ڪثرت ذڪر، انساني شخصيت ۾ موجود خير ۽ شر جي قوتن ۾ هڪ عرصي تائين ٽڪراءُ پيدا ڪرڻ ۽ ان شخصيت جي وسيع تر سمنڊ ۾ عرصي تائين ٽٻي هڻڻ ۽ ان سمنڊ جي مانگر مڇن کي نهوڙي موتي ۽ جواهر ساڻ آڻڻ ۽ انهن سان انسانيت کي آشنا ڪرڻ جو ذريعو آهي.

### ذڪر، مادي حسن تي فدا ٿيڻ کان بچاءُ جي صورت

ذڪر ماڻهوءَ کي هر حسين شيءِ طرف ڪشش کان بچائي ٿو ، ذڪر، مادي حُسن تي فدا ٿيڻ ۽ ان حُسن جون سڀ شيون دل ۾ ويهارڻ ۽ انهن مان آخري حد تائين تسڪين وٺڻ جي احساسن کان بُلند ڪرڻ جو اثرائتو ذريعو آهي، ڪثرت ذڪر جو نُور هر طرح جي منفي جذبن کي بريڪ هڻڻ ۽ غلط سوچ کي روڪي، ان کي مثبت ۽ پاڪيزه سوچ وارو بڻائي ٿو.

### ذڪرسان ظرف ۾ وُسعت اچڻ

ڪثرت ذڪر جو نُور فرد جي ظرف ۾ ايتري وسعت پيدا ڪري ڇڏيندو آهي، جو هو پنهنجن ۽ غيرن، عزيزن ۽ دشمنن سيني لاءِ محبت ۽ خير جي جذبن سان سرشار ٿي ويندو آهي. ذڪر ماڻهوءَ جي اشتعال، چڙ، جذبات ۾ بي قابو ٿيڻ ۽ نفرت جهڙين شين کان بلند ڪرڻ جو باعث بڻجي ٿو . ذڪر، فرد جي دل مان دنيا جي هيبت، مال جي محبت، ٻين جي دولت ۾

نظرون وجهڻ ۽ سياڻي جي فڪر جهڙين شين کان بي نياز ڪري پنهنجون سمورين اميدن کي الله جي ذات سان وابسته ڪرڻ جو ذريعو بڻجي ٿو.

## ذڪر، الله سان مُلاقات جو ذريعو

ذڪر فرد تي هر وقت الله سان ملاقات جي احساس کي غالب ڪري ڇڏي ٿو. صاحب ذڪر هر وقت انهيءَ فڪر ۾ ٻڌل رهندو آهي. ذڪر فرد ۾ دنيا جي حوالي سان پنهنجون ذمه داريون ادا ڪرڻ جي احساس کي وڌائي ڇڏي ٿو.

## جنسي جذبن جي طوفان ۾ اعتدال پيدا ڪرڻ جو طريقو

ذڪر، جنسي جذبن جي طوفان کي اعتدال جي حد ۾ آڻي، الله سان والهانه محبت جي راهه تي آڻڻ ۽ ان محبت جي ذريعي سمورن فطري جذبن جي تسڪين جو سبب آهي. جنسي جذبا، انهن جون طوفاني لهرن ۽ انهن جو ڪِجڻ اهي فرد جي جسماني توانائي کي اوڏهي جيان ڪائي ڇڏين ٿا. ذڪر جي برڪت سان انهن جنسي جذبن جي تيزي ۽ نه ڍاپجڻ واري شيطاني چڪر مان نڪري، اها ئي طاقت ۽ توانائي محبوب حقيقيءَ سان محبت ۾ خرچ ڪري، تمام وڏي تسڪين حاصل ڪري سگهجي ٿي.

## ذڪر، دماغ کي نُور سان پرڻ جي راهه

ذڪردماغ کي نُور سان پري، کيس پٽڪڻ ۽ حد اورانگهڻ کان بچائي ٿو. ذڪر جو نُور، علم وارن کي سندن نفسيات ۾ پيدا ٿيندڙ فساد کان بچائي، انهن جي ذات کي پنهنجي لاءِ ۽ معاشري لاءِ خير ۽ برڪت جو ڪارڻ بڻجي ٿو. ذڪر، فرد جي اها مزاجي بيهڪ بڻائي ٿو ته هو محبوب حقيقي يعني الله سان محبت جي طلب ڪري ٿو.

ڪثرت ذڪر ان حقيقت جي آگاهيءَ جو به ذريعو آهي ته الله جي محبت کان خيالي زندگي هزارين ڏکن، غمن، صدمن تمام گهڻي مادي ڪشش ۽ حرص ذريعي فرد جي شخصيت ۾ ٽوڙ ڦوڙ، نفسياتي بگاڙ، دل جي بيمارين ۽ نه ختم ٿيندڙ فڪري انتشار کانسواءِ ڪجهه به ناهي.



ان اعتبار سان ڏٺو وڃي ته معلوم ٿيندو ته ذڪر سارين ڪاميابين جي ڪُونجي آهي ۽ ان کان محرومي ناڪامين جو مرڪز! ان پس منظر ۾ موجوده دور جي عالمگير فساد تي نظر ويندي ته معلوم ٿيندو ته اهو سارو فساد محبوب حقيقي جي ذڪر کان محروميءَ جو نتيجو آهي.

##ماديت پرستيءَ جي باهه جو پڙڪڻ

موجوده دؤر ۾ مغرب، ماديت پرستيءَ جي باهه اهڙي طرح پڙڪائي آهي، جو دنيا جي ڪائي ڪُند ۽ ڪوئي گهر اهڙو ناهي جتان ان باهه جا شعلا نه اُٿندا هجن. مادي ترقي، ٽيڪنالاجي ۽ سائنسي ترقيءَ جي نالي تي اهڙي علم ۽ فن جو جادو جاڳايو ويو آهي، جنهن جو انساني فطرت، انسان جي روحاني، معنوي ۽ حقيقي ضرورتن ۽ انساني نفسيات جي حقيقي گهرجن سان ڪو تعلق ناهي. جي تعلق آهي به ته جزوي نوعيت جو آهي. ان جو واضح ثبوت ۽ سڀ کان وڏي علامت اها ئي آهي ته اڄ انسان درندن کان نه بلڪ خود انسانن کان خوفزده آهي. اڄ ترقي يافته انسان جو ئي اهو ڪردار آهي ته سموري انساني تاريخ ۾ پوين سئو سالن ۾ هن لڙاين ۾ ڪروڙين انسانن کي قتل ڪيو آهي. مادي ترقيءَ جو سارو سامان هئڻ جي باوجود اڄ انسانيت، سڪون، خوشي، امن، عزت جي تحفظ جي محتاج آهي ۽ بک جي خطري ۾ آهي. مغرب انسانيت کان خوفزده ٿي،ڪتن کي پنهنجي زندگي جو حصو ۽ پنهنجي گهر جو ڀاتي بڻائي ڇڏيو آهي. ماڻهو، ماڻهوءَ جو ايترو وفادار ناهي، جيترو ڪُتي سان وفادار بڻيو آهي. نفسياتي بيمارين جو هڪ نه ڪٽندڙ سلسلو آهي، جنهن ۾ اڄ انسانيت وڪوڙي پئي آهي!

اهي سيئي شيون ٻڌائن ٿيون ته فردن جي ذاتي زندگي سندس اجتماعي، معاشرتي، تعليمي ۽ عملي زندگي مان الله جي نانءَ، هن جي ذڪر ۽ نور کي ڪيڻ ڪانپوءِ انساني زندگي کي جهنمي زندگيءَ جي منظر کان بچائڻ ممڪن ناهي. بي خدا جديد تهذيب جو هڪ وڏو ڪارنامو اهو آهي ته هن عالمي سطح کان وٺي، شهرن جي سطح تائين مهذب ڦورن جي هڪ فوج تيارڪئي آهي،جا ڊاڪٽرن، ٽيڪنيڪل ماهرن، واپارين، صنعتڪارن ۽

سياستڪارن تي ٻڌل آهي. اهي ٺڳ پنهنجي ئي قوم جو خُون چوسي، جلد کان جلد ڪروڙ پتي مان ارب پتي ۽ ڪرب پتي بڻجڻ جي جنون ۾ ورتل آهن.

الله جي ذڪر کان محرومي، تعليمي ۽ اجتماعي نظام مان ان جي نالي کي ڪيڻ جا اهي ايترا خوفناڪ نتيجا آهن،جنهن سان انسانيت جا بنياد لُڏي ويا آهن ۽ ڪهرام متل آهي.

**ذڪر، الله لاءِ جيئڻ مرڻ جو حوصلو پيدا ڪري ٿو**

ذڪر، فرد ۾ الله ڪارڻ جيئڻ ۽ الله ڪارڻ مرڻ ۽ هن لاءِ ئي ماڻهن سان ڳنڍڻ ۽ ڇنڻ ۽ دوستي دشمني بہ الله خاطر ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪري ٿو.

ذڪر فرد ۾ جماعتن، تنظيمن ۽ شخصيتن سان ڳنڍيو رهڻ باوجود مُسلم اُمت هئڻ واري احساس کي وڌائي ٿو.

ذڪر، ڪفر ۽ منڪرات خلاف ايماني جذبات ۾ شدت پيدا ڪري ڇڏي ٿو ۽ ان حوالي سان صلاحيتن مطابق پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو فڪر پيدا ڪري ٿو.

**اهل ذڪر جا پنهنجن دوست احباب لاءِ لطيف احساس**

ذڪر ڪرڻ وارن کي پنهنجن عزيزن، قريبن، دوست احباب ۽ واقفڪارن جي باري ۾ اها ڳالهہ غمگين ڪري ڇڏيندي آهي تہ هو محبوب جي انوارِ حسن کان خالي ۽ ذڪر کان دُور هئڻ ڪري، زندگيءَ جي مڙني مسئلن ۾ ڦاٿل آهن، ڊپريشن، بي يقيني، چڙ ۽ حرص جا مريض بڻجي وڃن ٿا. ڪاش جيڪر هو ذڪر ذريعي محبوب حقيقي جي حضور ۾ اچي، زندگيءَ جي حقيقي ٺڏاڻ محسوس ڪري سگهن.

**ذڪر جي لذت ٻين لذتن کي ماري وجي ٿي!**

ذڪر جي حلاوت اهڙي آهي، جا فرد لاءِ ٻين حلاوتن ۽ لذتن کي پوئتي ڇڏي وجي ٿي، اها ئي حلاوت ڪيس ذڪر لاءِ مجاهدن مٿان مجاهدا ڪرڻ تي آماده ڪري ٿي.



ذڪر، ماڻهوءَ ۾ ڪفر، باطل ۽ ماده پرستي جي قوتن سان مُنهن ڏيڻ جي همت پيدا ڪري ٿو . ڀلي اهي قوتون ڪيڏيون بہ ڪٽي وٺندڙ هجن، ثقافت جي صورت ۾ پيش ٿينديون هجن. ذڪر وارو انهن جي وڪڙ ۾ نٿو ڦاسي، هو ماده پرستي واري تهذيب جي چمڪ کي پنهنجي لاءِ وڏو هاڃو سمجهي ٿو ۽ هر صورت ۾ ان کان بچڻ جي ڪري ٿو .

ذڪر اهو احساس وڌائي ٿو تہ سٺ ستر سالن جي ڪل زندگي چند لمحن جهڙي آهي، ايترن لمحن لاءِ راتان ڏينهان لوڙڻ ۽ ولوڙڻ سراسر حماقت آهي.

**وَمَآ اَمْرُ السَّاعَةِ اِلَّا كَلَمْحِ الْبَصَرِ اَوْ هُوَ اَقْرَبُ۔**

(قيامت واري گهڙي اچڻ واري آهي اک ڇنڀ ۾ يا ان کان بہ وڌيڪ ويجهو).

**ذڪر روزيءَ جي جدوجهد ۾ حدبندي جو سليقو سيکاري ٿو**

ذڪر، فرد کي روزيءَ جي جدوجهد لاءِ بہ آماده ڪري ٿو . ڇاڪاڻ تہ اهو هڪ ديني فرض آهي، پر هو اهو سليقو بہ پيدا ڪري ٿو تہ روزيءَ جي ڊوڙ ۾ گم ٿي وڃڻ ۽ ڪيس نماز ۽ الله جي عبادت کان غافل بہ نہ ڪري، گهڻي کان گهڻي دولت ميڙڻ جي جنون ۾ نہ وجهي ڇڏي، ماڻهن جا حق ڦٻائڻ، ضرورت کان سرس ميڙ سيڙ، ڪوڙ ۽ ٺڳيءَ سان مال جي محبت ۾ نہ رولي ڇڏي ۽ دولت کي الله ۽ ان جي دين لاءِ خرچ ڪرڻ کان نہ جهلي ڇڏي!

**ذڪر، وقت جو قدر ڪرائي ٿو**

ذڪر وقت جو وڏو قدر سيکاري ٿو . ذڪر ڪرڻ وارو وقت وڃائي ئي نٿو سگهي، ڇو تہ محبوب جي ذڪر جي جنهن لذت کان هو واقف آهي، ساري دنيا بہ ان جو مَٽ ناهي!

**ذڪر سان حاصل ٿيندڙ ڪجهہ وصفون**

گهڻي ذڪر سان جڏهن مادي ۽ نفسي جذبا سُڌرن ٿا تہ ان سان فرد کي انساني نفسيات جي گهراين جو علم عطا ڪيو وڃي ٿو . اهڙو ماڻهو

زندگيءَ جي هر موڙ تي پنهنجي قول ۽ عمل سان ڪنهن کي ايذائڻ بجاءِ ان جي دلجوئي ڪندو آهي، سخت ڪاوڙ وارين حالتن ۾ بہ صبر ۽ بردباري ڏيکاريندو آهي، باقي جڏهن سچ چوڻ جي ضرورت هوندي آهي تہ اتي ٽِڪي بيهندو آهي ۽ پنهنجي ڳالهہ کي وڏي فضيلت سان پيش ڪندو آهي.

ذڪر جي ڪري، ذڪر واري کي زندگيءَ جي ضروري معاملن ۾ بهتر عقلي صلاحيتن سان بہ نوازيو ويندو آهي، جيئن تہ نفس جي غرض نہ هوندي آهي ان ڪري مطلبن ۽ مفادن کان مٿي اٿي ڪري آزادي سان ڪم ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي، اهڙي طرح صاحب ذڪر کي معاملات ۾ عقلمنديءَ جو سليقو عطا ڪيو ويجي ٿو.

ذڪر،ماڻهوءَ منجهہ علم ، ذهانت ۽ واڌاري دولت مسڪينن ۾ خرچ ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪري ٿو . ان سان سندس ايماني حلاوت ۽ محبوب حقيقيءَ سان واسطو وڌي ويجي ٿو.

ججهي ذڪر وارو ماڻهو دولتمندن جيان نوڪرن، خادمن جي خدمت سان نٿ سان رهڻ پسند ناهي ڪندو، بلڪہ انهيءَ طرز معاشرت کي هو ذڪر جي ثمرات کان محرومي سمجهندو آهي. البتہ ضرورت آهر ۽ استطاعت هوندي نوڪر ۽ سواري ڪنهن تائين ضروري بہ آهي.

ذڪر جي نور جي حصول لاءِ قوت ارتڪاز سبب ذهني ۽ عملي صلاحيتن جي فضول استعمال جا رستا بند ڪري ٿو. ذڪر ڪندڙ پنهنجي شعبي جي علم ۽ فن ۾ مهارت وارا هوندا آهن ۽ سندن ڪارڪردگي وڌيڪ بهتر ٿي ويندي آهي.

اهڙي طرح ذڪر اهل دانش ۾ صلاحيتن کان واڌاري ڪم جي منصوبہ بندي ڪرڻ جي قوت بخشي ٿو، ذڪر ماڻهوءَ کي خيالي نقشا بنائڻ، اجايو ڳالهائڻ، هرويرو اڻ گهربل مشورا ڏيندو رهڻ، ٻين جي ڪمن ۾ دخل ڏيڻ ۽ ٻين ۾ اجايون اميدون رکڻ بدران فرد کي حقيقت پسند بڻائي ٿو.



هيڏي هوڏي ڏسڻ بجاءِ پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ ۽ گهٽا ڪم هٿ ۾ کڻڻ بجاءِ هڪ ئي ڪم هڪ ئي نقشي تي مستقل مزاجي سان زندگيءَ جي راهہ تي ذڪر ئي ماڻهوءَ کي آڻي ٿو . ذڪر ڪرڻ وارا توانائين جي تقسيم جي ڪري ٿيندڙ نقصان ۽ وقت وڃائڻ ۽ ان جي فضول استعمال کان بچي وڃن ٿا. ذڪر، صبر شڪر، رواداري، ٻين جي ڏک سُک ۾ ڪم اچڻ، زهد ۽ درويشي جهڙيون صفتون سيکاري ٿو . ذڪر،فرد جي فنائيت جي سفر کي خير خوبيءَ سان طئہ ڪرڻ جو مؤثر ترين ذريعو آهي. فنائيت جو مطلب اهو آهي تہ فرد، نفس جي مڙني قوتن کي لتاڙي، ذليل ڪري ۽ ان جي سرڪشيءَ جي زور کي ٽوڙي، ان کي انساني جوهر سان ٽمٽار ڪري ڇڏي، هو خواهشن کي اعتدال جي حد ۾ رکي. اهو سفر اهڙو آهي، جو جيتوڻيڪ طويل آهي ۽ ڏکيو بہ آهي پر ليڪن نفسي قوتن کي فتح ڪرڻ جو اهو سفر ڪثرت ذڪر جي نُور سان ئي طئہ ٿيندو آهي. فنائيت جي ان سفر کي طئہ ڪرڻ بنا فرد، نفس جي خطري ۾ ئي رهندو . ان خطري کان نڪرڻ هن لاءِ تمام ڏکيو هوندو آهي.

ڪثرت ذڪر وارو صاحب، نفس جي تجربن سبب پنهنجي نفس تي ڪوئي اعتبار ناهي ڪندو، بلڪہ هر وقت پنهنجي الله کان سندس فضل گهرندو رهندو آهي،ٻين جي ڀيٽ هو پاڻ کي سڀ کان وڌيڪ گناهگار سمجهندو آهي ۽ سڌرڻ جوڳو سمجهندو آهي، ڇاڪاڻ تہ وڏي عرصي جي تجربن ۽ مجاهدن جي باوجود هو نفسي قوتن کي تابع ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيو ، ورهين تائين هن جو نفس ڪيس زير زبر ڪندو رهيو . جڏهن محبوب حقيقيءَ فرد جي همت ۽ حوصلو ، مستقل مزاجي ۽ ٽڪائيندڙ جدوجهد ڏٺي تہ هن پنهنجي فضل خاص سان طالب جي فنائيت جي سفر کي آسان ۽ گهٽي پاڳي طئہ ڪرائي ڇڏيو.

## اهل ذڪر کي زندگي ۾ دل کي صاف ڪندو رهڻ جو طعنو ڏيڻ

اهو چوڻ تہ ذاڪر ۽ صوفي زندگي ۾ دل جي آئيني کي پيو صاف ڪندو آهي، ان مان ڪيس فرصت ناهي ملندي ۽ هن جون ساريون توانايون دل کي ڌوئڻ ۾ خرچ ٿي وينديون آهن. اها ڳالهہ اهو ئي شخص ڪري سگهي ٿو جنهن نفس کي صحيح طور ناهي سڃاتو ۽ ان جي هاڃن کان واقف ناهي. ائين چوڻ کان اڳ جي هو ان تي غور ڪري ها تہ اها ڳالهہ ڪيس تهذيب نفس، تزڪيہ نفس جي عمل کان لنوائڻ جهڙي نظر اچي ها. ۽ ان عمل جي توهين آهي،اعمال جو سڄو دارو مدار اخلاص نيت تي آهي. اخلاص بنااعمال بي وزن ٿي وڃن ٿا. نفسي قوتن هوندي عمل ۾ اخلاص ڇا ٿيندو؟ خلوص، ڪثرت ذڪر سان ئي ايندو . ان ڪم جي توهين ۽ طنز ڪرڻ حماقت آهي.

## ذڪر سان عبرت ۽ اصلاح جي صلاحيت حاصل ٿئي ٿي

ذڪر، فرد ۾ عبرت ۽ موعظت حاصل ڪرڻ جي صلاحيت ۾ اضافو ڪري ٿو. قرآن ۽ حديثن ۾ گناهگارن کي جيڪو چتاءُ ڏنو ويو آهي ان کي هو پنهنجي باري ۾ ڄاڻي ڏڪي ويندو آهي ۽ الله جي وڌيڪ ويجهو هليو ويندو آهي.

## ذڪر کان دور ماڻهن جو دين کان آشنا هئڻ مشڪل آهي

ذڪر جي صاحبن جو مشاهدو هوندو آهي تہ جيڪي ماڻهو ذڪر کان پري آهن يا تمام ٿوري ذڪر ڪن ٿا، انهن جو مزاج اهڙو هوندو آهي جو ڪين دين جي حقيقتن کان آشنا ڪرڻ ۽ نفس جي گهراين ۾ موجود خرابين کان واقف ڪرڻ ڏکيو ٿيندو آهي، هو سدائين قابل رحم حالت ۾ هوندا آهن. علم ۽ دانشوريءَ جي باوجود هو اسلام جي روح کان آشنا نہ ٿي سگهندا آهن.



ذڪر جا صاحب سڀ کان وڌيڪ پنهنجو فڪر ڪندا آهن ۽ الله وٽ پنهنجي پڪڙ جي خطري جي احساس ۾ هوندا آهن. تنهن ڪانپوءِ هو ٻين جي باري ۾ فڪرمند رهندا آهن.

ڪثرت ذڪر جو نُور مادي دنيا ۾ رهڻ باوجود فرد کي وجداني ۽ نفسياتي طور تي ٻي دنيا ۾ رهڻ وارو بڻائي ڇڏيندو آهي. هن جون سوچون، هن جا تفڪرات ۽ هن جا احساسات ۽ جذبات ٻي دنيا جي حوالي سان ئي متحرڪ هوندا آهن.

ذڪر پاڻ سان دعوت دين، اشاعت دين ۽ غلبہ دين جا جذبا بہ آڻي ٿو . ذڪر ۾ اضافي سان گڏوگڏ فرد، اشاعت دين ۽ دعوت دين لاءِ هڙئون وڙئون جاکوڙيندو آهي.

جيتوڻيڪ مبتدي ۽ متوسط فرد جي دعوت دين جي نوعيت اها ناهي هوندي، جا هئڻ گهرجي، تنهن هوندي بہ مبتدي ۽ متوسط فرد کان بہ الله جي محبت اها تقاضا ڪري ٿي تہ الله جي محبت کان ناآشنا ماڻهن تائين لٽريچر جي ذريعي، گفتگو يا گهر ۾ مجلسن ۽ محفلن ذريعي اها دعوت پهچائڻ جي ڪوشش ڪري.

متوسط صوفيءَ جي هڪ حد تائين ترقي اهڙي طرح جي ڪمن سان وابستہ آهي، پر منتهي صوفي تہ اهڙن ڪمن لاءِ وقف آهي. دين جي مظلوميت، بي دينيت جي زور ، انساني قدرن جي پاماليءَ واري دؤر ۾ تہ ذڪر جي حوالي سان ڳالهہ ماڻهن تائين پهچائڻ وڌيڪ ضروري ٿي وڃي ٿو . ان سان فرد لاءِ خود ذڪر لاءِ ارتقا جون راهون بہ کلڻ شروع ٿي وڃن ٿيون. پر مُبتدي ۽ متوسط فرد کي اهو ڪم پنهنجي روحاني استاد جي مشوري ۽ سندس ساٿ سان ڪرڻ گهرجي.

ذڪر ۾ مجاهدي ڪرڻ واري شخص کي اها ڳالهہ مشاهدي ۾ ايندي رهندي آهي تہ دولت لاءِ گهٽي هَڙُ مار ڪرڻ، گهٽن خطرن ۾ وجهي ڇڏيندي آهي. ان سان هن جي مائٽن ۽ دوستن ۾ حسد جي باهہ پڙڪندي

آهي. ذکر جون ڪاوشون متاثر ٿيڻ لڳنديون آهن. ان سلسلي ۾ هن جي دل ۾ رسول الله ﷺ جون ڪوڙ ساريون حديثون گونجڻ لڳنديون آهن جهڙوڪ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو "جنهن گروهه ۾ دولت ايندي آهي ان ۾ دشمني ضرور پيدا ٿيندي آهي." پاڻ فرمايائون "علماءِ ڪرام دين جا امين آهن ليڪن تيستائين جيستائين سندن مالدارن سان تعلقات پيدا نٿا ٿين، مالدارن سان تعلقات پيدا ڪندا ته هو دين جا رهزن بڻجي ويندا، جيئن ته دولت ۾ بي پناهه ڪشش آهي، مان مرتبو ۽ شان شوڪت به دولت سان ئي آهي، ان ڪري دولتمند اڪثر بري نگاه جو شڪار ٿي ويندا آهن.

## اعمال جو وزن اخلاص سان لاڳو آهي

اهل ذکر جي نظر ۾ الله وٽ اعمال جي وزن ۽ قدر وقيمت جو پئمانو اخلاص، للاهيت ۽ بي نفسي آهي، ان کان سواءِ وڏي کان وڏي اعمال جي حيثيت واريءَ جي ذرن کان مختلف نه هوندي، جن جي ڪا وقعت نه هوندي آهي، هوا انهن کي اڏاري ويندي آهي. اهو اخلاص ئي هو جنهن جي ڪري حضور ﷺ فرمايو منهنجي صحابي رضه جي طرف کان الله جي راهه ۾ جوَن جي مُٺ خرچ ڪرڻ گهڻو افضل آهي، ٻين اُمتين طرفان احد پهاڙ جيترو سونَ خرچ ڪرڻ کان صحابه ڪرام ۾ اخلاص جو ڪمال حضور ﷺ جي صحبت سان ئي پيدا ٿيو هو . هاڻ اخلاص جا اجزاء اهل الله جي صحبت ۽ ڪثرت ذکر سان ئي پيدا ٿين ٿا.

## نفس، نيڪيءَ جي هر عمل ۾ پنهنجو حصو رکي ٿو

انسان جي سڀ کان بُري وصف اها آهي ته هو نيڪيءَ جي هر عمل ۾ الله سان گڏوگڏ پنهنجو حصو به رکڻ گهري ٿو . مثال طور سٺو عمل انهيءَ ڪري ڪيو ويو ته جيئن ماڻهن جي نظر ۾ نيڪ ليکيو وڃي. ڏيکاءُ ، خود نمائي، ۽ خودپسنديءَ واري نفسيات لڳ ڀڳ هر شخص جي اندر ۾ موجود آهي. ذکر فڪر جي غيرمعمولي مجاهدن کان بغير نفس جي انهن بُراين جو ازالو ۽ تزڪيو نٿو ٿئي.



## ذکر جو نفس جي طلسماتي دنيا کي ٽوڙڻ

ذکر جي راهه جي دشواري (جنهن سبب فرد ان طرف اچڻ لاءِ تيار ناهن ٿيندا، جي ايندا به آهن ته جلد پڇي ويندا آهن يا ذکر جي راهه ۾ سست رفتاريءَ سان هلندا آهن). جو هڪ اهم سبب اهو به آهي ته ذکر، نفس جي ناهيل طلسماتي دنيا کي ٽوڙڻ شروع ڪري ڇڏيندو آهي، جنهن سان نفس جون قوتون ڇتيون ٿي، فرد تي حملو ڪنديون آهن، وسوسن ۽ وهمن ذريعي نفس مزاحمت ڪرڻ لڳندو آهي، نفس سان گڏوگڏ شيطان به پوري طاقت لائيندو آهي ته فرد ذکر ڇڏي ڏي . وري ذکر جي ڪري دنياوي تعلقات جي حوالي سان مصروفيات جي حد بندي ڪرڻي پوندي آهي. دنيادار پراڻن دوستن کان لنوائڻو پوندو آهي، اهي سڀ شيون گڏجي فرد کي پهرين مرحلي ۾ ذکر جي راهه کي هماليه پهاڙ طئه ڪرڻ جهڙو ٻڌائينديون آهن. پر حقيقت هيءَ آهي ته ذکر جي رستي جون اهي ساريون رڪاوٽون عارضي آهن ۽ پوائتي خواب جي حيثيت رکن ٿيون، جن مان مستقل مزاجي سان جان ڇڏائي سگهجي ٿي. ان مان شيطان جو مقصد اهو هوندو آهي ته طالب کي ڊيجاري ڀڄائجي ته جيئن الله ڏانهن نه وڃي سگهي. پر جڏهن طالب همت جو سندرو ٻڌي، انهيءَ راهه تي هلڻ شروع ڪندو آهي ۽ روحاني استاد سان رابطي ۾ رهي ٿو ته آهستي آهستي پراڻي ماحول کي تبديل ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿو ۽ ذکر فڪر ڪندو رهي ٿو ته اندر ۾ موجود رحماني قوتون ڪيس سنڀالي وٺن ٿيون ۽ نفس جي طوفان جي مقابلي ۾ سهارو ڏينس ٿيون.

## ذکر، ماده پرستي جي قوتن خلاف پناهه گاهه آهي

هن نڪتي کي سمجهڻ به ضروري آهي ته نفسي قوتون هجن يا ماده پرستيءَ جون مقامي ۽ عالمي قوتون يا ٻيا دشمن، سيني جي مقابلي جو هٿيار ذکر آهي، اهو هڪڙي پناهه آهي. هڪ حديث ۾ ان جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. فرمايو ويو آهي ته ذکر جو مثال ان قلعي جيان آهي، جنهن

۾ دشمنن کان بچاءَ جو پورو انتظام ٿيل هجي. ذڪر ڪرڻ وارو جڏهن ذڪر جي ذريعي ان قلعي ۾ اچي پناهہ وٺندو آهي تہ هو دشمن جي هر طرح جي حملن کان محفوظ ٿي ويندو آهي.

## ذڪر تي محنت سان دين جا سارا ڪم بهتر طور ٿين ٿا

دين جي سمورن ڪمن جي سلسلي ۾ ذڪر جي هڪ اهميت هيءَ بہ آهي تہ انهن جي بهتر سرانجامي ذڪر جي نُور سان آهي. ذڪر تي جيتري محنت هوندي اوتري حساب سان دين جا ڪم بهتر ٿيندا. ذڪر کان جيتري غفلت ٿيندي، اوترا ڪم مشڪل ٿيندا. ذڪر، ايمان ۽ يقين جي قوت کي مستحڪم ڪندو آهي.

اها ئي ايمان ۽ يقين جي ڪيفيت عملي زندگيءَ ۾ فرد کي دين تي جمائي رکڻ جو ڪردار ادا ڪري ٿي. ذڪر، هڪ نُور آهي جو هر طرح جي انڌيرن کي دور ڪري، ماڻهن کي روشني ڏي ٿو . جنهن سان آساني ۽ تيز رفتاريءَ سان سفر طئہ ٿئي ٿو . ذڪر نہ ٿيڻ، گهٽ ٿيڻ يا نالي ماتر ٿيڻ سان فرد انڌيرن ۾ ڀٽڪي ٿو .

## ذڪر کان محروميءَ سان نفس پرست انسانن جو تعداد وڌڻ

اسان جي سياست جو نقشو هجي يا ڪاروبار ۽ واپار، توڙي سرڪاري مشينريءَ جا پرڪار، تعليم جي شعبي جو حال توڙي دين جي نالي تي تنظيمن ۽ جماعتن جي صورتحال هجي، تن سڀني ۾ خرابي، بي برڪتي، فساد ۽ انتشار جو بنيادي سبب اهو ئي آهي تہ انهن ۾ الله جي ذڪر جي نور کي شامل نہ ڪيو ويو يا ان کان انڪار ۽ فرار جي راهہ اختيار ڪئي وئي. انهيءَ ڪري نفس پرست انسانن جي فوج تيار ٿي وئي ۽ وڌيڪ تيار ٿي بہ رهي آهي. انتظامي صلاحيت، مهارت، تنظيمي سگهہ ، وسيلن جي گهڻائي، ميٽنگن جي ڪثرت ۽ منصوبہ بنديءَ جي باوجود ذڪر جي ان روح جي کوٽ آهي، جنهن سان ڪائنات جي هر شيءِ زنده آهي ۽ اها پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهي آهي انهيءَ جو نتيجو حرص، هوس، ٽڪراءُ ،



مال گڏ ڪرڻ جي جُنون ۽ فساد ڪانسواءِ ڪو ٻيو ڪو نڪري سگهي، اهو ممڪن ئي ڪونهي.

## انسان، جوهري مخلوق، ذڪر هن جي غذا

فرد جي ذهن، مزاج، نفسيات ۽ دل جي تجزيي ۽ تحليل جون جيتريون بہ صحيح ڪاوشون ٿيون آهن ۽ وڌيڪ ٿينديون، اهي ان ڳالهہ کي چٽو ڪنديون پيون وڃن تہ انسان جي اصليت حيوان هئڻ ناهي، بلڪہ هو اهڙي جوهري مخلوق آهي، جا پنهنجي اصليت جي تلاش ۾ آهي ۽ ان لاءِ بيقرار آهي.

انساني مزاج، ذهن ۽ نفسيات جي تسڪين جي صُورت ان کان علاوه ٻي ڪائي ناهي تہ انسان جي اشرف المخلوقات واري حيثيت کي سمجهيو وڃي. وَفِيٓ اَنْفُسِكُمْ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ (اسان جون نشانيون توهان جي اندر موجود آهن آخر توهان ڏسو ڇو نٿا؟) انهيءَ صدا کي اهميت ڏني وڃي ۽ ذهنن ۽ مزاجن جي تشڪيل، تعمير ۽ واڌ ويجهہ ۾ انهن فطري صدائن کي وڏي اهميت ڏني وڃي. انسان کي هر طرح جي ذهني پريشاني ۽ باهمي تصادم کان بچائڻ جي ان کان علاوه ڪا صورت ممڪن ڪونهي.

## ذڪر نالو آهي هر طرح جي بتن کي ٽوڙي عقيده توحيد کي راسخ ڪرڻ جو؟

ذڪر اصل ۾ نالو آهي، هر قسم جي بُتن ٻيائي ۽ ٻهروپ کان بچي ڪري، توحيد جي عقيدي کي راسخ ڪرڻ، توحيد کي زندگيءَ جو نصب العين بنائڻ، توحيد جي مڃني اعتقادي ۽ عملي تقاضائن کي پوري ڪرڻ ۽ صبغت الله (يعني الله جي رنگ) کي غالب ڪرڻ جو ڪثرت ذڪر جو نُور اهو ئي ڪردار ادا ڪندو آهي. گهٽي ذڪر کان سواءِ غيرن جي غلامي ۽ اهڙي سوچ مان ئي جان ڇڏائڻ، توحيد جي راسخ عقيدي ڪانسواءِ ممڪن ڪونهي.

### ذڪر فرد ڪي شرافت ۽ وقار وارو بڻائي ڇڏي ٿو

ذڪر ماڻهوءَ ڪي شرافت ۽ فضيلت وارو بڻائي ٿو ۽ غلط شين کان بيزاري پيدا ڪري ٿو. صاحب ذڪر, انساني وقار جي خلاف موجود معاشري جي حالت تي ڪڙهندو رهندو آهي.

### تعليم تربيت ۽ ميڊيا جي ذريعن جو شيطان لاءِ ڪارائتو بڻجڻ

شيطان جي عالمي نمائندن هن دؤر ۾ انساني معاشرن کي حيوانن, بلڪ بدترين درندن جي صورت ڏني آهي. صاحبانِ ذڪر انهن حالتن جي تبديلي جي سلسلي ۾ پنهنجي بي وسيءَ تي رت جا ڳوڙها وهائڻ کان رهي نٿا سگهن. ڇاڪاڻ تہ تعليم ۽ تربيت ۽ ميڊيا جا تقريبن سمورا ادارا شيطاني نمائندن جا اوزار ۽ هٿيار بڻجي ڏينهن رات ماڻهن جي حيواني ۽ منفي جذبن کي اڀارڻ ۽ ڪجائڻ ۾ مصرف آهن.

### ذڪر جون ڪجهہ خاصيتون

ذڪر جي هڪ حيثيت تہ هيءَ آهي تہ هو هڪ نُور آهي, هن جي ٻي حيثيت هيءَ آهي تہ هو محبوب حقيقيءَ جي محبت کي روشن ڪرڻ جو ذريعو آهي. ذڪر جي ذريعي محبوب سان ٿيندڙ اها محبت پاڻ سان تعليم ۽ تربيت جو نظام بہ آڻي ٿي,جنهن سان احساسات جي دنيا بدلجي وڃي ٿي, دين جي غيرت پيدا ٿئي ٿي, محبوب لاءِ ذوق ۽ فدائيت جا جذبا اڀرندا آهن, هن لاءِ سڀ ڪجهہ قربان ڪري ڇڏڻ جا احساس وڌن ٿا, شيطان ۽ ڪفر جي عالمي ۽ مقامي نمائندن خلاف جدوجهد جا جذبات پيدا ٿيندا آهن, خدمت دين لاءِ پنهنجن صلاحيتن ۽ توانائين مطابق ڪم ڪرڻ جو جذبو ۽ ولولو پيدا ٿئي ٿو. ذڪر, خير جو هر ڪم ڪرڻ ۽ شر جي هر ڪم کان بچڻ جو مؤثر ذريعو آهي.

### مبتدي طالب جو خودنمائي ۽ خود پسندي جو شڪار ٿيڻ

طالب, خاص طور مُبتدي طالب جيئن تہ بُري طرح نفسي قوتن جي زير اثر هوندو آهي, ان ڪري هن کي گهڻي ڳالهائڻ ۽ بحث جي اجازت



ڪانهي, ڇاڪاڻ تہ زياده گفتگوءَ سان تحت الشعور ۾ موجود سندس نفسي قوتون متحرڪ ٿيڻ لڳنديون آهن ۽ سندس قيل قال جو مقصد خودنمائي ۽ خود پسنديءَ جي جذبن جي تسڪين هوندي آهي. (الا ماشاء الله)

### ذهين فردن جي ذڪر جي حلقن کان دوريءَ ان جا اثرات

موجوده دور ۾ تصوف ۽ اصل تصوف ۾ اهڙا فرد تمام گهٽ ملن ٿا, جيڪي دين جي مظلوميت, مُسلم امت تي ڪفر جي علمبردار قوتن جي ڪاهہ خلاف ۽ اسلامي دعوت جي فروغ جا جذبا ۽ احساس رکندا هجن ۽ ان لاءِ متحرڪ هجن. هي اهڙو سوال آهي, جنهن تي دردمند ديني حلقن ۾ فڪرمندي ملي ٿي. ان جا ٻيا ڪارڻ بہ ٿي سگهن ٿا. ليڪن راقم الحروف جي نظر ۾ ان جو هڪ اهم سبب هي آهي تہ معاشري جا ذهين, متحرڪ ۽ علمي مزاج وارا فرد عام طور سان تصوف ۽ اهل تصوف ڏانهن اچڻ لاءِ تيار ناهن. اهو رجحان عقليت جي عالمي تحريڪ جي اثر هيٺ هجي يا پنهنجي علم ۽ ذهانت تي غيرمعمولي اعتماد ان جو سبب هجي, حقيقت اها ئي آهي تہ علمي ۽ عملي صلاحيتن وارا فرد ۽ جديد چيلينج جو فهم رکڻ وارن جي تمام وڏي اڪثريت اهل ذڪر کان پرائڻ لاءِ تيار ناهي.

اهل ذڪر ڏانهن عام طور سان اهي ئي فرد اچن ٿا, جيڪي دنيا جي ڪنهن ڪم جا نٿا ٿين. اگر ذهين ۽ علمي ماڻهو هن طرف مُنهن ڪن تہ دل ۽ روح جي انوار الاهي مان فيضيابيءَ سبب اهي معاشري کي پنهنجن صلاحيتن سان تمام وڏو فائدو رسائي سگهن ٿا.

### مدرسن ۾ ذڪر جو اهتمام نہ ٿيڻ جا نتيجا

موجوده دؤر ۾ اڪثر ديني مدرسن ۾ صحبت ۽ ذڪر جو نہ فقط اهتمام ناهي, بلڪ اتي ان ڏس ۾ تہ ذهن سازيءَ جي ضرورت بہ محسوس نٿي ڪئي وڃي. ان جو نتيجو هي آهي تہ مدرسن مان فارغ عالمن جو هڪ تعداد رڳو دنياوي ڊگرين نہ هئڻ تي شديد احساس ڪمتريءَ جو شڪار ٿي وڃي ٿو.

عالمن جو هڪ انگ، جيڪو پنهنجي صلاحيتن سان ڪاليج جي سَنَد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو انهن مان ڪيترن عالمن جي اها حالت ڏٺي وئي آهي ته هنن ڏاڙهيون ننڍيون ڪري ڇڏيون آهن، نمازون ڇڏي ڏنيون اٿن، دنيا جو رعب پئجي ويو اٿن، اها اهڙي افسوسناڪ صُورتحال آهي، جنهن تي ديني مدرسن جي ذميوارن کي ذڪر وفڪر ۽ صحبت صالحہ جي اهتمام کي نصاب جي حصي طور شامل ڪرڻ گهرجي. نه ته ديني مدرسا پنهنجن مدرسن کي ئي دجالي تهذيب جي يلغار جو شڪار ٿيڻ کان نه بچائي سگهندا. اها ناڪامي امت مسلمہ لاءِ وڏو الميو هوندي .

## ذڪر کان محرومي ۽ غلط خيالن جو غلبو

ذڪر جي ماحول ۽ اهل ذڪر جي صحبت کان محروميءَ جو هڪ نقصان هي ٿيو آهي ته فردن جي مزاج ۾ برداشت ختم ٿي وئي آهي ۽ چڙ ۽ خار غالب اچي وئي آهي. اهڙي طرح معاملا نبيرڻ مشڪل بڻجي ويو آهي. هڪ ٻيو وڏو نقصان هي ٿيو آهي ته هر وقت مادي ۽ منفي سوچ ذهنن تي سوار آ، زندگيون زهر ٿي ويون آهن، معاشرو ذهني مريضن سان ڀرجي رهيو آهي، مغرب وارن مذهب ۽ روحانيت کي رد ڪري،ماديت جو جيڪو ٻج پوکيو هو ، تنهن جي زهريلي اثر مغربي قومن سان گڏوگڏ مسلم امت کي به وڪڙ ۾ آڻي ڇڏيو آهي. ماديت پرست تهذيب جي نياڳي پاڇي هيٺ انسانيت، آزار ۾ آهي، مذهب، روحانيت ۽ ذڪر بنا ان چنبڙي تهذيب جي تباهين کان بچاءَ جي صُورت باقي نه رهي آهي.

## عالمي سطح تي روحانيت ۽ ذڪر کي رد ڪرڻ جا نتيجا

موجوده دؤر جي نفس پرست عالمي ۽ مقامي سرمائيدار ماڻهن کان روحانيت ۽ ذڪر جي نعمت ڇني انهن تي روزگار ۽ معاشي خوشحاليءَ جو ڀوت اهڙي طرح سوار ڪيو آهي جو زندگيءَ جي مادي مستقبل جي بهتريءَ کان علاوه ساريون سوچون ۽ فڪر ختم ٿي ويا آهن، ماڻهو معاشي حيوان بڻجي ويو آهي. معاشري تي هڪ حديث جا لفظ ٺهڪي اچن ٿا ته ”توهان



اگر پنهنجي مٿان هڪ ئي فڪر (الله جو فڪر، هن جي اطاعت ۽ ذڪر جو فڪر) غالب ڪندؤ ته خدا تعاليٰ توهان جي سمورن فڪرن لاءِ ڪافي ثابت ٿيندو . اگر توهان ائين نه ڪندؤ ته الله کي پرواهہ ڪانهي ته توهان ڪهڙي واديءَ ۾ ڀٽڪندؤ پيا.

## ذڪر سان حاصل ٿيندڙ نعمتون

زندگيءَ جي هر موڙ تي ذڪر جي اهميت آهي. اهو احساسن کي پاڪيزه رکي ٿو ، غفلت ۽ سُستيءَ کي دُور ڪري ٿو . ذڪر، ايمان جي تازگيءَ جو سبب بڻجي ٿو. خود اعتمادي پيدا ڪري ٿو. ذڪر ماڻهوءَ کي هر طرح جي حالات ۾ حوصلي سان فرض ۽ ذميداريون ادا ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. ذڪر فرد جي طبيعت کي خوشگوار رکي ٿو ، ٻين سان معاملات بهتر ڪرڻ ۽ خوشگوار تعلقات قائم رکڻ ۾ مدد ڏي ٿو . ذڪر، شريعت تي عمل پيرا ٿيڻ جو احساس پيدا ڪري ٿو. هي وقت جي فضول استعمال کان روڪي ٿو ، ذڪر جو نُور، نظر جي حفاظت ڪري ٿو ، خيالن کي پاڪيزه رکي ٿو، مادي زندگيءَ واري خوشحالي جي ڳٽيءَ مان جان ڇڏائي ٿو، ذڪر، مسڪينيءَ کي خوش نصيبي سمجهڻ جو احساس پيدا ڪري ٿو .

## ذڪر سان وابستہ مالدارن جي مزاج جو تبديل ٿيڻ

جيڪي فرد، ذڪر سان وابستہ آهن اهي بظاهر ڪٽي ڪيترا ئي مالدار هجن، ليڪن ڪثرت ذڪر ۽ ڪثرت صحبت سندن مالداريءَ کي غريبانہ مزاج ۾ تبديل ڪري ڇڏيندي آهي، هو ظاهر ۾ ڪٽي مالدار آهن، پر باطن ۾ غريب آهن. ڇو جو مال هنن تي حڪومت نٿو ڪري، بلڪ هو مال تي حڪومت ڪن ٿا. اهڙا ماڻهو جيتوڻيڪ تعداد ۾ ٿورا آهن، بلڪ نه هئڻ جي برابر، پر جيترا به آهن، الله جي دين ۽ سندس مخلوق تي مال خرچ ڪرڻ ۾ تنگي محسوس ڪرڻ بجاءِ خوشي محسوس ڪندا آهن. هو مال هيٺان دٻجي رهڻ جي احساس کان مٿي آهن. ذڪر ۽ صحبت سان مالداري زحمت

ناهي، بلڪ رحمت واري بڻجي ويندي آهي. موجود دؤر ۾ ذڪر ۽ صحبت کان بي فڪريءَ جي ڪري ئي مالدار ماڻهو معاشري لاءِ عذاب جي صُورت بڻجي پيا آهن.

**ذڪر جي حلقن جو مسلم اُمت جي مسئلن کان لاتعلق هجڻ**

ذڪر (اهل تصوف)سان وابسته حلقن جو امت مسلمه جي مسئلن کان بي تعلق هجڻ، بُرائي جي عالمي ۽ مقامي قوتن کي نظر انداز ڪرڻ، ميڊيا ۽ سرڪاري ۽ پرائيويٽ تعليمي ادارن جي ذريعي سيڪيولرزم، لادينيت ۽ماديت پرستي کي وڌائڻ جي ڪمن کان اکيون بند ڪرڻ ۽ انهن محاذن تي سرگرم ماڻهن، جماعتن ۽ ادارن کي سندن حال تي ڇڏي ڏيڻ ۽ نوجوان نسل کي الحاد ۽ دهريت جي تحريڪن ۾ وڃڻ کان روڪڻ لاءِ ڪو ڪردار نه ادا ڪرڻ، اهل ذڪر ۽ اهل تصوف جي هيءَ روش عجيب آهي . هڪ حديث شريف ۾ آهي ته جنهن کي اُمت جي مسئلن سان دلچسپي ناهي، اهو اسان منجهان ناهي. اهو بُرائيءَ کي روڪڻ جي سلسلي ۾ پنهنجن فرضن کان غفلت جو گناهه به آهي. برائيءَ کي روڪڻ جي هڪ صُورت هيءَ به ته آهي ته انهن محاذن تي سرگرم فردن ۽ ادارن سان هڙان وڙان تعاون ڪيو وڃي، ته جيئن مُسلم معاشري جي تهذيبي ۽ نظرياتي يلغار کان بچاءَ جي صُورت پيدا ٿي سگهي.

**مغرب وارن جي هڪ خصوصيت مان فائدي وٺڻ جي ضرورت**

مغرب وارن جي هڪ مزاجي خاصيت (جا سندن سارين خرابين جي باوجود زوال کي روڪڻ ۾ ڪردار ادا پئي ڪري ۽ اسان کي ان مان فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي ) سا هيءَ آهي ته مذهب ۽ روحانيت کي رد ڪرڻ بعد ان خال کي پرڻ لاءِ وٽن روحن سان رابطي يا ذهني يڪسوئي جي طاقت جي نالي سان نوان نوان تجربا ٿي رهيا آهن. ان تحقيقات کي جيئن ته هو پنهنجي مادي زندگي جي ڪارڪردگي لاءِ بهتر ۽ فائديمند سمجهي



رهيا آهن، تنهنڪري هو پنهنجن ادارن، ڪارپوريشنن، ڪارخانن ۽ ڪمپنين ۾ ”ذهني ارتڪاز قوت“ جي انهن مشقن (جن کي مادي طرز جو مراقبو چئبو آهي) کي وڏي پئماني تي اختيار ڪري رهيا آهن. جنهن سان ادارن ۽ ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ وارن ماڻهن جي ڪارڪردگي ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. ذهن جي هڪ ئي مرڪزي نڪتي تي ارتڪاز جي ڪري فڪري انتشار ۽ ذهني دباءَ ۾ گهٽتائي اچي رهي آهي. ان ڏس ۾ جيڪي رپورٽون اچي رهيون آهن سي انهن جي نقطہ نظر کان تمام گهڻيون حيرت واريون آهن.

اهڙي طرح انهن جا ڪي ماهر ”لطيفه نفس“ جي صلاحيتن کي بيدار ڪري مجاهدن ذريعي سفلي ارواح سان رابطو رکڻ ۽ ڪائنات معلومات حاصل ڪرڻ ۽ انهن کان ڪم وٺڻ ۽ انڪشاف حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن. ان مهارت مان هو ڪم وٺي رهيا آهن. ان قسم جي تحقيقات ڪرڻ وارن فردن جي معاشرو ۽ حڪومت سرپرستي ڪندا آهن ۽ کين هر طرح جا وسيلا فراهم ڪندا آهن. اسان وٽ ان ڏس ۾ جيڪو جمود آ، اهو اسان جي زوال ۾ وڏي اضافي جو ڪارڻ آهي، اسان جا اثر رسوخ وارا طبقا مغرب جي مادي تهذيب جي سموريون لعنت جوڳيون شيون ته تيزيءَ سان اختيار ڪندا پيا وڃن، پر اهڙي شيءِ هو اختيار نٿا ڪن. ذهنن تي لڳل تالا کولڻ جي ضرورت آهي.

**مالدارن جي چانوَرَ ۾ ٿيندڙ ديني ڪمن مان برڪت جو رخصت ٿيڻ**

هڪ ڳالهه . جنهن جو هن دؤر ۾ مشاهدو ٿي رهيو آهي ته دين جي، جن ڪمن ۾ مالدارن جو هٿ رهيو اهو ڪم ڏسڻ ۾ ته وڌندو رهيو پر حقيقت ۾ ان ۾ روح ناهي رهيو . اهڙن ادارن ۽ جماعتن مان دين جو بي لوث ڪم ڪرڻ وارا عالم، داعي ۽ ڪارڪن پيدا نه ٿي سگهيا. جيئن ته مالدارن جي مال ۾ انهن جي نيت جا اثرات هوندا آهن، ڪي مفاد هوندا اٿن، مثال طور

خيرات ۾ ڏنل رقم سان ڪاروبار ۾ برڪت پوي ۽ مال وڌي وغيره . ذڪر جي نُور جي کوٽ سبب مالدارن جي مال جي بي برڪتي جا اثرات واضح طور تي شاهد آهن ته ڪن ديني مدرسن جون عمارتون ته يونيورسٽين جيان آهن، پر انهن مان نڪرندڙ طالب علم خود ماديت جي طوفاني لهرن جي نذر آهن. اهڙيءَ طرح خانقاهن ۾ مال اچي وڃڻ ڪري، خانقاهن جو اهو نوراني ماحول بُري طرح متاثر ٿيو آهي، جنهن سان خانقاهن مان فقر ۽ زهد وارا صاحب تيار ٿي، معاشري جي فردن کي پنهنجي ڪردار جي تاثير سان بدلڻ ۾ ڪامياب ٿيندا هئا.

سلف صالحين ۾ ڪثرت ذڪر جون خاصيتون، زهد ۽ فقر، دنيا ۽ اهل دنيا کان بي نيازي جو خصوصي اهتمام هوندو هو . جنهن ڪارڻ بادشاهه ۽ امير به سندن روحانيت مان فيضياب ٿيڻ لاءِ آتا هوندا ها.

هاڻي ائين آهي، جو مالدار ۽ امير خانقاهه جي صاحبن کي مال جي ذريعي سندن معاشرت کي شان و شوڪت جي صُورت ڏيڻ ۽ انهن جي ظاهري مادي زندگي کي پنهنجي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو اٿن. اصلاح معاشره جي حوالي سان خانقاهن جي ڪردار ۾ ڪميءَ جو هڪ بنيادي سبب خانقاهن تي اميرن جو اثر رسوخ به آهي.

### ذڪر لاءِ قربانيءَ سان راهن جو کُلڻ!

ذڪر، وقت جي قرباني، معاشي خوشحاليءَ کان هڪ حد تائين دستبرداريءَ جي تقاضا ڪندڙ آهي. اگر طالب اها قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هجي ته هن لاءِ ذڪر جون راهون کوليون وڃن ٿيون . اگر طالب ذڪر کي ٿوري اهميت ڏئي ان لاءِ وقت جي قرباني نه ڏئي سگهي ته پوءِ هو ذڪر جي راهه تي ته هلندڙ هوندو انشاء الله. ليڪن نفس کي تابعدار بنائڻ ۾ ڪيس زندگيءَ جو طويل عرصو انتظار ڪرڻو پوندو.



ولي رازي
آمنه حامد زبيدي

# نفرت ۽ دشمنيءَ جي جواب ۾ محبت ۽ سراپا محبت

اڄ قارئين جي خدمت ۾ سيرت جو هڪ عجيب واقعو پيش ڪريان ٿو. هن واقعي ۾ مختلف علمي، عملي ۽ اخلاقي بي مثال نمونا به آهن ۽ حضور ﷺ جن معجزو پڻ.

اهو ان زماني جو ذڪر آهي جڏهن حضور پاڪ ﷺ جن، مديني ڏانهن هجرت جو پڪو ارادو فرمايو، سيني کي خبر آهي ته هن هجرت کي، ڪفار قريش جي ظلم ۽ ڏاڍ کان بچڻ لاءِ، مخفي رکيو ويو هو.

بيت الله سان، پاڻ سڳورن جي محبت معمولي نه هئي، سندن خواهش هئي ته مڪو شريف ڇڏڻ کان پهرين، هڪ دفعو، بيت الله جي اندر داخل ٿي، ڪجهه رڪعتون نماز ادا ڪن، پر مسئلو اهو هو ته. بيت الله جي ڪنجي، "شيبي" وٽ هئي ۽ اهو اسلام جو دشمن هو. پاڻ سڳورا، شيبي وٽ، تشريف فرمايا ٿيا ۽ ڪيس فرمايائون ته. "اي شيبي! بيت الله جو دروازو کول ته مان، نفل ادا ڪري وٺان." شيبي گستاخانه لهجي ۾ وراڻيو "تون هرگز اندر داخل نٿو ٿي سگهين، ڇو ته تو اسان جي آبائي دين کي ڇڏيو. اسان جي بتن کي گهٽ وڌ ڳالهايو. ائين نٿو ٿي سگهي، جو توهان کي اندر وڃڻ ڏيان، واپس وڃو" تنهن تي پاڻ سڳورن نرميءَ سان چيس ته "مان عبادت ڪرڻ چاهيان ٿو، ٻه رڪعتون نفل ادا ڪرڻ چاهيان ٿو" الله اڪبر: سرور دوعالم، الله جا حبيب، ٻنهي جهانن جا سردار ۽ ڪٿي هو. ناپاڪ گستاخ ڪافر ۽ ائين، پاڻ ڪريمن جي خواهش کي رد ڪري؟ هن ٻيو ڀيرو به گستاخيءَ سان جواب ڏنو. "توهان کي اجازت نٿي ڏيئي سگهجي، توهان واپس هليا وڃو."

حضور پاڪ ﷺ جن فرمايو، ”اي شيبي! هڪڙو وقت اچڻ وارو آهي، جنهن جاءِ تي تون ويٺو آهين، اتي ته مان هوندس، ۽ جتي مان ويهي توکي منٿون ڪري رهيو آهيان اتي، تون بيٺو هوندين. سوچ ته ان وقت، تنهنجو ڪهڙو حال هوندو؟ هن چيو ته ”واپس وڃو، اهڙيون ڳالهيون گهڻيون ٻڌيون اٿم“ هو ان وقت طاقت جي نشي ۾ ٻڏل هو، جاهل هو، ان ڪري، نبوت جي قوتن کان بي خبر هو. قريش اقتدار ۾ هئا، ڪيس سندن پٺڀرائي حاصل هئي. مسلمان، مڪي زندگيءَ ۾ ڪمزور ۽ مظلوم هئا، ڪين طاقت جو جواب، طاقت سان ڏيڻ جي، ان وقت اجازت نه هئي، تنهنڪري هن ڄاتو پئي ته، في الحال هي مسلمان، منهنجو ڪجهه به نٿا بگاڙي سگهن. هن ڏٺو پئي ته، هنن ڪمزور مسلمانن جو، گهرن مان ٻاهر نڪرڻ مشڪل آهي، مٿان وري، ڪعبي جي متولي ٿيڻ جا خواب ٿا ڏسن. آخر، پاڻ سڳورا واپس ويا، ظاهر آهي ته، بيت الله شريف ۾ داخل نه ٿيڻ تي سندن دل کي رنج ته رسيو هوندو، پر خاتم الانبياء هئا، الله تعاليٰ تي توڪل جي اعليٰ مقام تي فائز هئا، پاڻ سڳورن صبر ڪيو ۽ معاملو، الله تعاليٰ تي ڇڏي ڏنو.

آخر، هجرت مڪمل ٿي، وقت پاسو ورايو، اهي مسلمان، جيڪي، مڪي شريف ۾، بظاهر ڪمزور ۽ هيٺان سمجهيا ويندا هئا، هاڻي قوت ۽ اقتدار سندن مقدر بڻيو. ذلت ۽ شڪست، ڪفار مڪه جي، قسمت بڻي، جنگ بدر کان، جنگ حنين تائين وارين جهادي قوتن، غرور ۽ تڪبر جي قوتن کي ڪنڌ جهڪائڻ تي مجبور ڪيو.

هاڻي فتح مڪي جو وقت آهي، هاڻي حضور اڪرم ﷺ جن پنهنجي جانباز ۽ عاشق فوج سان، فاتحانه هن شهر ۾ داخل ٿي رهيا آهن جتان، قريش ڪافرن ڪين، هجرت لاءِ مجبور ڪيو هو، تيرنهن سال، الله جي رسول کي، سک سان نه ويهڻ ڏنو، ڏک ۽ اذيت جو ڪو طريقو نه هو، جيڪو ڪافرن، حضور اڪرم ﷺ جن تي نه آزمايو هجي. رستي ۾ ڪنڊا وڇايا ويا، سندن شان ۾ گستاخي ڪئي وئي، نعوذ باالله، ڪذاب، مجنون، ساحر ۽ ڪاهن چيو ويو، طائف ۾ ڪتا ڇڏيا ويا، ٻارن کان پٿراءُ ڪرايو ويو، پاڻ



سڳورا، مڪه مڪرمه ۾، انهن فاتح بادشاهن وانگر داخل نه ٿيا، جيڪي مفتوحه علائقن ۾ داخل ٿيندا آهن ته، شهرن کي برباد ڪندا آهن، اهلِ اقتدار کي غلام بڻائيندا آهن، ڏسو ته پاڻ سڳورا، ڪهڙي شان سان مڪي شريف ۾ داخل ٿيا؟ حديث ۾ آهي ته، تواضع ۽ خاڪساري سبب، پاڻ ڪريم ﷺ جن جو ڪنڌ مبارڪ، ڏاچيءَ جي گردن مٿان جهڪيل هو ۽ زبان تي رب پاڪ جي تسبيح ۽ استغفار ۽، حمد وثنا جاري هو.

انبياء ڪرام ۽ سلاطين جي مزاج جو فرق هتي معلوم ٿئي ٿو، قرآن ڪريم، سلاطين جي باري ۾ فرمايو، ”جڏهن سلاطين ڪنهن شهر ۾ فاتحانه داخل ٿيندا آهن ته ان کي، برباد ڪندا آهن، عزت وارن کي ذليل ڪندا آهن، اهو ئي سندن طريقو آهي.“

پاڻ سڳورن جو ڪنڌ مبارڪ، پنهنجي رب جي شڪر گذاريءَ ۾ جهڪيل هو ۽ پاڻ ڪريمن، مڪي شهر ۾ داخل ٿيندي ئي اهڙا اعلانات فرمايا (جنهن کي اسان، احسانات جي برسات به چئي سگهون ٿا) جنهن سان شهر ۾ امن وامان جي فضا قائم رهي. پاڻ ﷺ جن فرمايو جيڪو، ابوسفيان جي گهر ۾ داخل ٿي ويو، اهو امن ۾ آهي، جيڪو مسجد حرام ۾ داخل ٿي ويو ان کي به امن آهي، جيڪو پنهنجي گهر جو دروازو بند ڪري ويهندو، اهو به امن ۾ آهي، مطلب ته امن کي ايڏو ته، عام ڪيو ويو جو، ڪنهن جهيڙي، ڪنهن انتقام ۽ ڪنهن بدامني کي، جاءِ نه ملي سگهي. قريش ته ڊنل هئا ته ڏسون ته، اسان سان ڪهڙو ورتاءُ ٿو ٿئي اهي ته، بادشاهن جهڙي بدترين سلوڪ جا منتظر هئا. حضور اڪرم ﷺ جن، مسجد حرام ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون ته شيبي کي سڏيو، هو آيو ته بيت الله جي ڪنجي سندس هٿ ۾ هئي هن، ڪعبي جو دروازو کوليو، پاڻ سڳورا ان هنڌ تشريف فرما ٿيا جتي، شيبي بيٺو هو ۽ شيبي، ان جاءِ تي بيٺو هو جتي، هجرت کان پهرين، حضور اڪرم ﷺ جن ويهي ڪيس منٿون ڪيون هيون، ته، ”ڪعبي جو دروازو کول ته مان، اندر وڃي عبادت ڪريان.“

پاڻ سڳورن فرمايو تہ ”شيبي! تو کي اهو وقت ياد آهي جڏهن مون تو کي ايلاز ڪيا هئا تہ مون کي اندر وڃي، بہ نفل ادا ڪرڻ ڏي، تنهن تي تو سختيءَ سان انڪار ڪيو هو؟“ هن وراڻيو تہ ”ها مون کي ياد آهي.“

پاڻ فرمايائون تہ ”تو کي ياد آهي ان وقت ، مون تو کي ڇا چيو هو؟ مون چيو هو تہ، جنهن جاءِ تي تون بيٺو آهين، اتي مان هوندس ۽ جتي مان بيٺو آهيان اتي، تون بيٺو هوندين.“

هاڻي تو ڏسي ورتو!“ وراڻيائين تہ ها، مون هاڻي ڏسي ورتو، بيشڪ! مان ان جاءِ تي بيٺو آهيان، جتي سائين جن بيٺا هئا ۽ هاڻي، توهان ان جاءِ تي بيٺا آهيو، جتي اڳ ۾ مان بيٺو هئس.“

فرمايائون تہ ”هاڻي تو سان ڪهڙو سلوڪ ٿيڻ گهرجي؟“ جواب ۾ هن رڳو هڪڙو جملو چيو تہ ”مان هڪڙي ڪريم پياءَ ۽ ڪريم پيغمبر جي سامهون بيٺو آهيان.“

هاڻي ٿورو غور ڪريو، شيبي، ڪيڏي نفرت ۽ دشمنيءَ جو مظاهرو ڪيو هو، پاڻ سڳورن جي جاءِ تي ، ڪو بادشاهہ هجي ها تہ ، شيبي جو ڪنڌ ڪپيو وڃي ها، پر، حضور رحمت اللعالمين ﷺ جن، هن سان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو؟ پاڻ سڳورن ڪيس فرمايو ، ”اي شيبي! هيءَ بيت الله جي ڪنجي تنهنجي حوالي ڪريان ٿو، قيامت تائين اها تنهنجي ئي خاندان ۾ رهندي، ڪو بيو هن کي حاصل ڪري نہ سگهندو ، اج کان تون ۽ تنهنجو خاندان، بيت الله جو متولي آهي.“

سبحان الله! ايڏي رحم ۽ درگذر جو معاملو ، الله جا نبي ﷺ ئي ڪري سگهن ٿا.

پاڻ سڳورن جي هن ارشاد مبارڪ ۾، ٿورو غور ڪريو، هن ۾ سندن هڪ پيغمبرانہ پيشن گوئي آهي تہ ، شيبي جو خاندان، قيامت تائين، زنده رهندو ، دنيا ۾ ڪيڏا بہ انقلاب اچن پر، شيبي جو خاندان، فنا نہ ٿيندو ، بي پيشنگوئي اها آهي تہ ، شيبي جو خاندان، قيامت تائين نہ رڳو مسلمان رهندو پر، بيت الله جو متولي پڻ رهندو ۽ هن خاندان کان، قيامت تائين ڪو



بہ ، بيت الله جي چابي نہ وٺي سگهندو . اج سوڌو، اها پيشنگوئي حيرت انگيز حد تائين پوري ٿيندي رهي آهي.

هن وقت ، مڪي مڪرمہ جي امير ترين خاندانن ۾ شيبي جو خاندان ڳڻيو وڃي ٿو، مڪي جي بازارن ۾ گهڻائي دڪان ۽ تجارتي مرڪز ، هنن جي ملڪيت آهن.

حضرت قاري طيب صاحب لکيو آهي تہ ”هنن جي دولتمنديءَ جو هڪڙو سبب اهو بہ آهي تہ ، عقيدتمند زائرين، بيت الله ۾ داخل ٿيڻ جا آرزومند هوندا آهن ۽ شيبي خاندان، انهن جي هن عقيدت جو جو ناجائز فائدو وٺي، اندر وڃڻ جي فيس ڪائنن وٺندو آهي، ۽ جن ماڻهن کي اها خبر ناهي (تہ ائين رقم ادا ڪري بيت الله ۾ داخل ٿيڻ بہ جائز ناهي ۽ ائين فيس وٺي ماڻهن کي بيت الله ۾ داخل ڪرڻ بہ، شرعا ممنوع آهي). اهي، پئسا خرچ ڪندا آهن.

هڪڙي وعظ ۾ هنن پنهنجو واقعو لکيو آهي تہ هنن، ڪنهن مجلس ۾ ذڪر ڪيو تہ ”شيبي خاندان، بيت الله ۾ داخل ٿيڻ جو شرعي طريقو ئي بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ ايئن، اسان جهڙا ماڻهو ، هن سعادت کان محروم ٿي ويا آهن. تہ شيبي سان تعلق رکندڙ هڪ بااثر ماڻهوءَ ، هن کي چئي ڪري، حضرت جي لاءِ دروازو کولايو ۽ هو اندر داخل ٿيا. اهو واقعو هنن پنهنجي هڪڙي وعظ ۾ 1963 ۾ بيان فرمايو آهي.

ڪٿي هنن، الله وارن جو ذڪر ۽ ڪٿي هي راقم، خطاڪار ۽ ناقابل ذڪر، هڪڙو خسيس ٻانهو؟ پر ، تذڪير نعمت جي طور تي عرض ڪريان ٿو تہ الحمدلله ،هن حقير کي بہ الله تعاليٰ، پنهنجي والد ماجد حضرت مفتي محمد شفيع صاحب جن سان گڏ، عمري جي هڪ سفر ۾ بيت الله جي اندر داخل ٿيڻ جي سعادت عطا فرمائي، هي راقم، مفتي محمد رفيع عثماني ۽ مفتي محمد تقي عثماني، پنهنجي ذاتي خرچ تي، والد صاحب سان گڏ ويا هئا. راقم، والد صاحب سان، ”رابطہ العالم اسلامي“ جي هڪ ڪانفرنس ۾ شريڪ هو ، انهن، ڪانفرنس جي شرڪاءِ ڪرام جي

لاءِ بيت الله ۾ داخلي جو انتظام ڪيو هو. والد صاحب ڪنهن تڪليف جي سبب، هن موقعي تي نه وڃي سگهيا، البته انهن اسان کي، بيت الله جي اندر، اها جاءِ ٻڌائي ڇڏي هئي جتي، حضور اڪرم صه جن، نماز ادا ڪرڻ فرمائيندا هئا.

انهيءَ مقام تي ماڻهن جو هجوم هو. راقم، رش گهٽ ٿيڻ جي انتظار دوران اهو ڪم ڪيو. جو پنهنجي جناح ڪيپ لاهي، ان حصي کي ٻهارڻ شروع ڪيو. جيڪو. ”رڪن يماني“ ۽ ”حجر اسود“ جي درميان آهي، چڱي خاصي دز مبارڪ . گڏ ٿي وئي، پوءِ الحمدالله، نفل ادا ڪرڻ جي به توفيق ملي، الحمدلله، ثم الحمدالله.

هتي هڪڙو واقعو نقل ڪريان ٿو ته . الله وارن جي نگاه ڪيڏو نه پري تائين پهچي ٿي ۽ هو . نيڪين جي لاءِ ڪيترا نه حريص هجن ٿا. دارالعلوم ديوبند جا سڀ کان پهريان مهتمم حضرت مولانا رفيع الدين صاحب، جيڪي نقشبندي اڪابرين منجهان آهن، انهن کي هڪ . عجيب ترڪيب القاء ٿي، هنن سوچيو ته جڏهن، حديث پاڪ جي مطابق، شيبي خاندان، قيامت تائين باقي رهندو ته لازما، هو ان وقت به ڪعبي جو متولي هوندو. جڏهن، امام مهدي عليه السلام جو ظهور ٿيندو ۽ سندن ظهور به . بيت الله جي پٽ سان ٽيڪ ڏيئي وينل هجڻ جو روايتن ۾ آيو آهي، اتي ماڻهو . سندن هٿ تي بعيت ڪندا“ اتي مولانا صاحب اهو فائدو ورتو جو . امام مهديءَ جي نالي کهڙو خط لکيو. جنهن جو مضمون هي آهي.

”فقير رفيع الدين ديوبندي، مڪ معظمه ۾ حاضر آهي. توهان جهاد جي ترتيب ڪري رهيا آهيو. مجاهدين، توهان سان گڏ آهن، هنن کي اهو اجر، ملندو جيڪو . غزوه بدر جي مجاهدين کي مليو ته . رفيع الدين جي طرفان، هي حمائل شريف ته . توهان جي ذات جي لاءِ . هديو آهي، ۽ هيءِ تلوار، ڪنهن مجاهد کي ڏيئي ڇڏيو ته هي منهنجي طرفان، جنگ ۾ شريڪ ٿي وڃي ۽ مون کي اهو اجر ملي جيڪو . غزوه بدر جي مجاهدن کي مليو هو.“ (خطبات حڪيم الاسلام ج 4 ص، 70)



اهو خط انهن، هن زماني جي شيبي (متولي) جي سپرد ڪيو ۽ چيو ته ”هيءَ تلوار امانت آهي ۽ حمائل شريف، هديو آهي. تون، پاڻ کان پوءِ اچڻ واري شيبي کي، نصيحت ڪجائين ته هنن امانتن کي امام مهديءَ عليه السلام جي زماني جي شيبي تائين پهچائين. سبحان الله.